
صدي



سدا حيات شري گوبند مالهي



مُرڪَ

پڳونتي ناواڻي جي ياد ۾

ٽي ايڪانڪي ناٽڪ سنگره

مالهي ڪلچرل اڪادمي طرفان ٻه اکر...

جيڪي راهون، رستا ۽ پيچرا گوبند مالهيءَ سماجڪ، ساهتيڪ ۽ سينٽڪ کيتر ۾ جوڙيا، ان ماڳ تي سندس قدمن جي نشان جو سهارو وٺندي، مالهي ڪلچرل اڪادمي جا ڪاريه ڪرتا، رام چيتملاڻي، رام جوهراڻي، چندر منگهناڻي، شويا چندناڻي پنهنجي شرڌا، ڀاونا ۽ محڪم ارادي سان وت آهر اڳتيءَ وک وڌائي رهيا آهن.

انهن سلسلي ۾ رام چيتملاڻي ۽ مورج منگهناڻي خاص داد لهڻو، جو مالهي ڪلچرل اڪادميءَ جي هر ڪاريه ۾ هو سڄڻ اڌ ڳالهائيندي هر طرح جي مدد ڪرڻ لاءِ هميشه تيار هوندا آهن، ايتري قدر جو خود پرسڪارن جي رقم جو وڏو حصو انهن صاحبن طرفان ڏنو ويندو آهي.

٣ آگسٽ ٢٠٠٢ع تي اڄ مالهي ڪلچرل اڪادمي پنهنجو ٻيون ساليانو اُتسو آيوجت ڪيو آهي، جنهن ۾ پرمپرا موجب نج سنڌي سانسڪرتڪ ۽ سينٽڪ پروگرام رٿيو ويو آهي ۽ انهن سان گڏ ساليانه پرسڪار پڻ ڏنا ويندا.

هن سال جي پرسڪارن لاءِ ڏيهي توڙي پرڏيهي شخصيات جي چونڊ ڪيل آهي، سوني ميراچنداڻي (ڪرپالاڻي) آمريڪا مان، پون ڪمار احمدآباد مان، اندور مان ڪرشن ڪتواڻي، ممبئي مان مهيش چندر ۽ ڪاجل چنديراماڻي مالهي ڪلچرل آڪادميءَ طرفان انهن کي ٽرافي ۽ روڪ انعام ڏئي سنمانت ڪيو ويندو.

اڄ گوبند مالهيءَ جو جنم ڏينهن آهي انهن شڀ موقعي تي مُرڪ پبليڪيشن پاران سنڌيت جي شيدائين لاءِ هيءَ هڪ خاص سوغات 'مرڪ نانڪ سنگره' پيش خدمت آهي اميد ته پسندي پوندي.

رام جوهراڻي

سمپادڪ

MURK

Bio- Monthly
Magazine

In Memory Of
Ms Bhagwanti Navani

July - August 2002

Price-Rs 60/-

Editor
Ram Jawhrani

Printed, Published
&
Owned By
Shobha D. Chandnani
101-A-, Raj Kiran
M.G.Road, Kandivali (W),
Mumbai- 400067.

Correspondence Add:
704, B Wing Vijay Park
Mathuradas Road
Kandivali West
Mumbai 67
Phone: 8643065


DTP By: SHOBHA LALCHANDANI

Phone: 4464134
Printed at
Sahyog Printing Press

10/336 Chamber Colony,
Mumbai- 400074

دادا گوبند مالهي

”مرڻا اڳي جي مُئا سي مري ٿين نہ مات
هوندا سي حيات، جيئڻا اڳي جي جيئا“



ايل- ايل بي پاس ڪرڻ بعد، ڀارت ۽ دنيا ڀر ۾ نامور وڪيل دادا رام جيٺملاڻيءَ جا هم ڪاليجي هئڻ جي باوجود، ڪارو ڪوٽ پائي، اچي ڪي ڪارو ۽ ڪاري ڪي اڇو ثابت ڪرڻ کان ڪنارو ڪندي، پنهنجي ۽ پريوار لاءِ نوٽ ڪمائڻ جو موهہ تياڳي، مالهي صاحب اول مزدورن جو همدرد پوءِ ساهتڪار، سنڌيت جو مسيحو، شاعر، ليکڪ، ناٽڪ نويس، ڪلاڪار، هدايتڪار، فلم پروڊيوسر، ڊائريڪٽر، سنگيت ٽولي (يڳونتي ناواڻي) جو مهندار بڻجي، ڀارت ۽ ولايت ۾ جتي جتي سنڌي وسن ٿا اُتي سنگيت ورڪا ڪندي، سالن جا

سسئي پنهون
درشيم پهريون

ليکڪ: گوبند مالهي

س- اَڄ سکي پتلي اَچ، اَڄ دير لائڻ هيتري! سکي!
پ- سمجهي آءُ ويس سکي.
س- سمجهي تون وئينءَ! پر ڇا سکي؟
پ- حق تي اَڻ ڄاڻ آن تون ۽ توسان گڏ پڻ بيون. راڳ ۽ ناچ ۾ آهيو پوريون، خبر ڇا خاڪ پوندوَ؟
س- اَڻ ڄاڻ! بي خبر اسين!! پر ڇا ڪوڻ سکي؟
پ- واس ڪان ويون وانجهجي توهين، خوشبو ڪان ويون رهجي توهين!
س- واس! خوشبو!! ڳالهائين، اَڄ ڇو- پرولين ۾ پئي سکي؟
پ- ڪيچ ڪان آيو قافلو آ...
س- پنهور ۾ روز، قافلا اچن پيا، اِن ۾ نئين ڪهڙي، ڳالهه آ؟
پ- هيءُ نرالو آ قافلو، مشڪ انبر جو قافلو. جنهن واسي سڄي بازار آ. پنهور سڄي ۾ ڦهلائي سرهاڻ آ ۽ سواءِ تنهن...
س- ۽ سواءِ تنهن! ڇا؟ ڇئه سکي، وات ۾ پئجي، مڱ ويئه؟...
پ- مڱ نہ آهن سکي. اکرن وڃائي بيان جي قوت آ... ڇا ٻڌايان توکي سکي، ڇا تہ قافلو ۽ قافلي جو سردار آ...
لک لهي تي لوڏ- جيجان تن جتن جي.
س- اوهو. اَڄ تيو توکي، ڇا آهي سکي؟ ڏسي قافلو، ۽ سردار قافلي جو، کوهيو تو پاڻ آ سکي! ڪٿي، ڏيئي دل تہ نہ، اُن سردار کي- آئي آن تون؟
پ- قسمت اهڙي ڪٿي هن بنديءَ جي آ سکي تنهنجي هوندي ڪير ڏسندو مون ڏي اک کڻي؟
س- ڇڏ خوشامد- ڪر ڳالهه سڌي- ڏنئہ ڪهڙو اسرار سکي؟

سال ميراثي جيون اپنائيندي، سنڌي جلسا، سيمينار - سميلن، سنڌيت جي جوت روشن، قائم دائم رکڻ پروگرامن ۾ حاضر رهي رهنمائي ڪندي، جيون ۾ جدا جدا وقتن تي جدا جدا رول بخوبي پورا ڪندي، مالهي صاحب پنهنجي سموري جيون سنڌي قوم لاءِ ڪم آندي. اڄ جا هڪ نه انيڪ سنڌي جاتيءَ جا ڄاتل سڃاتل ساهتڪار، ڪلاڪار، سماج شيوڪ، دادا مالهيءَ جي ئي باغ جا گل آهن، مالهي صاحب جي رهنمائي ڪارڻ ئي، هو جيون ۾ گهڻو ڪجهه حاصل ڪري سگهيا آهن.

دادا مالهيءَ صحي معنيٰ ۾ سنڌي ٻوليءَ، سنسڪرتيءَ، ساهت، ڪلا، سنگيت ۽ سنڌيت کي، سنڌين جي دلين ۾، گهرن ۾ پهچائڻ ۽ لوڪپريه بڻائڻ ۾ پنهنجي جيون سڪيارٿي ڪئي.


هڪ سچي صوفيءَ جيان مالهي صاحب، شاهه، سچل، سامي ۽ انيڪ شاعرن جا گيت، ڀڳونتي ناواڻيءَ جي سريلي آواز ۾ هر سنڌي گهر ۾، هند سنڌ ۽ ولايت ۾ پهچائي اتهاسڪ گهٽنا بڻائي. سنڌي ناٽڪ ۽ فلمن جي شروعاتي دؤر ۾ پشپا مالهي، مدن جماڻي، ايشور ناواڻي، رميش ڄاڄاڻي، ايس. پي. مينگهاڻي، ڀڳونتي ناواڻي، سترام روهڙا ۽ انيڪ لوڪپريه ڪلاڪارن کي پنهنجي هدايتڪاري ۾ انٽروڊيوس ڪيو.

مالهي صاحب جي سڄي عمر، سنڌي قوم جي امانت ۽ ملڪيت رهي، مالهي صاحب جي ان يوگدان سبب ئي مون شاهه عبدل لطيف جي رچنا سان شروعات ڪئي آهي.

"مرڻا اڳي جي مئا، سي مري ٿين نه مات

هوندا سي حيات، جيئڻا اڳي جي جِيئا..

(مدن جماڻي)



(٢) دادا گوبند مالهي (مالهي هڪ، گل انيڪ) (٣) سنڌي ناٽڪ جي ابي منگهارام
ملڪاڻيءَ سان. سنڌي ناٽڪ کي نئون جيون ڏيندڙ دادا گوبند مالهي.

پ- آيو آ سؤداگر...
س- مشڪ ۽ انبر ڪٽي...
پ- آن هان- سو تہ فقط بهانو آ.
س- مشڪ ۽ انبر جو سؤدو، فقط بهانو آ؟
پ- ها، دراصل ڪرڻ هو آيو سؤدو دل جو آ! ٻڌي هاڪ ڪنهنجي سونهن جي هرڪجي آيو آ!
س- اڃا ڇا آهہ اُها نينگر پنيور جي؟
پ- ها ۽ سچ ٻڌايانءِ سواءِ تنهنجي هوندي پلا ڪير ٻي؟
س- آءٌ؟ ڇا ڪئي تو ساراهہ منهنجي هن سامهون آ؟
پ- اونهون سڃاڻان آءٌ سڪيءَ پنهنجيءَ کي گهڻو. ڪيئن گستاخي اهڙي آءٌ ڪندي؟ خود هن سليو سچ مون ساڻ آ. خبر الائي ڪيئن پيئي هن- تہ آنءُ سڪي دل گهري تنهنجي آن. سڏائي پاڻ وٽ پڇا تنهنجي هن ڪئي! ملڻ لئہ ماندو آهہ لئي.
س- ملڻ لئہ ماندو آہ هو؟ ڏسڻ آءُ بہ چاهيان ٿي سڪي آهہ ڪيئن ڏسڻ ۾ هو!
پ- ڳڀرو، نوجوان، شاهاڻو شاهہ!
س- ملان ڪئن آءٌ هن سان؟
پ- هان! لڳي آگ ويئي تو دل اندر بہ!
س- ڏٽ، خريدڻ آءٌ گهران مشڪ ۽ انبر ٿي.
پ- بس بس سمجهان آءُ سڀ ٿي. پر هلنديءَ ڪيئن تون بازار هن ويل؟
س- ها، امان ابو ڏيندم ڪين اِجازت اهڙي؟
پ- وٺي آءٌ اڃان هن کي هت؟ چونداسين امان ابي کي سؤداگر آيو ڪرڻ سؤدو آ!
س- ها، ها، شايد نيڪ اِهو ئي آ... نہ، نہ، ڏي رهڻ سياڻي هلنديس آءٌ...
پ- (چيڙائيندي) گذرندي رات ڪيئن تنهنجي سڪي؟
س- چپ، ڪرڻو مونکي ڇا اُن سؤداگر سان، ڏلو نہ جنهن

مون اڳ ڪڏهن آ؟

پ- ڇا سچ اِهو ئي آ؟... ڇئه اڇان وئي هن کي آ؟؟

(ٻاهران پنهونءَ جو آواز)

مشڪ انبر

اڙي، هيءَ ته آواز هن جو آ.

س- ڇا آچي ويو هو هت پاڻ آ؟

پ- ها. سگهيو ڪونه رهي ڏاڍو ڪو بي صبر آ...

(پنهونءَ جو پرويش. س- پ جون نظرون ملن ٿيون. ڪا دير نظر ٽڪيل)

(پتلي ڪنگهي هنن جو ڌيان ڇڪائي ٿي)

پ- سلام سؤداگر جو پوي قبول.

س- سلام، سؤداگر سلام.

پ- گهور هڪ ۾ ئي ڇڏيائين گهائي. آدي، ٻڌي، جهڙي هئي، وڌ تنهنکان به آهه سکي تنهنجي!

پ- مان. هلان ٿي سکي منهنجي...

س- نه نه. وڃ نه اڪيلي ڇڏي مونکي! (پتلي وڃي ٿي)

پ- اڪيلي! نه آنهه اڪيلي تون. آهيان مان جو ساڻ تو.

س- تون، ڪير آنهه تون؟

پ- ماٺهن ليکي سؤداگر آن. نالو منهنجو پنهون آ.

س- ڇا سچ پچ آنهه سؤداگر تون؟

پ- ڇو آهه شڪ تو؟

س- لڳين ته تون سؤداگر گهٽ، حاڪم وڌ تو.

پ- سچاتو صحيح آهه، تو دراصل آهيان ڪيچ مڪران جو حاڪمزادو آ؟.

س- حاڪمزادو؟؟

پ- پر تو لاءِ فقط خادم! (هٿ تو پڪڙبس)

س- تنهنجي ملڪ ۾، ڇا آهه ڪوٽ، نينگرين جي سؤداگر؟





(١) ١٩٩٥ع. سنڌي ناٽڪ جي هڪ سؤ سال اتسو ۾، ناٽڪ 'ڪَس ۽ اَملو' پيش
ڪندڙ ڪلاڪار گوبند مالهيءَ جي رهنمائي ۾ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ کان ناڳپور ۾ انعام
حاصل ڪندي؛ (٢) دهليءَ ۾ 'اَملو ۽ پيش ڪيل. گوبند مالهيءَ جو ناٽڪ 'سسئي
پنهون' پشپا مالهي سسئي ۽ جگديش شرما، پنهون جي ڪردار ۾ ناٽڪ جي هدايتڪار
ڪلاڪار ڊائريڪٽر عنبر جيئي.

درشيم بيون

(سسئيءَ جي گهر جو ڪمرو)

(سسئيءَ جي ماءُ ويٺي آهي. هن جي مڙس جي آمد)

پيءُ- تون ويٺي آن هت. آءٌ ڳولهي ڳولهي ٿڪو آن توکي هت.

ماءُ- ڳولهي ڳولهي ٿڪو آن ماکي. سچ ڪاڏهون آ اُپريو، اڄ هونءَ تہ لهندو خبر نہ آن ڪائي. بس فقط پئسو آ پيارو توکي. ٻڌاءِ، اڄ ڦاٿو ڪيئن پيار آ تنهنجو؟

پيءُ- پل ڏي مهڻا، مهل آ تنهنجي. پر آ سچ تنهنجيءَ ڳالهہ ۾. مايا جي موهہ ۾ ڦاسي رکيم ڪل نہ ڪائي. اڄ ننڍي سيان وڏي، سسئي ساماڻي آ اڄي...

ماءُ- ڪر شڪر الله تعليٰ جو! جنهن پلايو پال آ.

پيءُ- سچ پچ، ڪئي مهر خدا نہ تہ ڇا هئاسين لائق اسين، هڙيءَ سهڻيءَ ڌيءُ جي؟

ماءُ- سسئيءَ پيءُ، ياد مونکي آ ڏينهن اُهو. آيو هئين تون سهڪندو. لفظ پورا نہ اُڪلن پيا. رڙ فقط تنهنجي، صندوق- ٻار- سهڻو... جهلي ٻانهن منهنجي آئين وٺي مونکي درياهہ ڪناري.

پيءُ- ڏسي ٻار صندوق ۾، رهجي ويئي هئينءَ دنگ. ڪري رڙ تو چيو، اڙي ناب (تجلو) تہ هن جو ڏسو.

ماءُ- ڏسي سونهن هن جي، چئي وينس آءُ بي اختيار. هيءَ تہ آ جهڙي چنڊ- اصل سسئي.

پيءُ- سچو سون بہ صبحان الله. رکنداسين نالو هنجو سسئي ۽ اڄ اُها ننڍي ڪلي ٻڻي آ گل. ورايو آ ڳڻتيءَ هن جيءَ مونکي.

ماءُ- شڪر آ خدا جو. ذيءَ اُڪلائڻ جي تي آ ڳڻتي توکي. پر چوان مان تي نہ ڪر ڳڻتي ايتري تون. جنهن رب

پ- نہ، نينگريون تہ کوڙ. پر مٽ نہ پانيان کا تنهنج

س- هٽ، ڪرين ڇو خوشامد ٿو تون.

پ- چوان سچ ٿو. ٻڌيس تنهنجو شيدائي هٿ، هِت ٻڌيو

بانهو. عشق ڪيو آ حسن اڳيان سجدو، شال پوي قب

س- نہ نہ، پرديسين جي ڪهڙي ياري، رات رهي ڪن ص

تياري.

پ- ڇڏي ديس پنهنجو وسائيندس ديس تنهنجو. موٽي

آءُ ويندس پنهنجي ديس.

س- ابو ڪين مڃيندو.

پ- ڇو ڪين مڃيندو؟ لالا ڪي مڃائڻ لئہ ڇڏي سؤداگري

ٻڌبس آءُ ڌوٻي.

س- ڌوٻي؟ نہ نہ، حاڪم ڪيئن ٻڻبو ڌوٻي؟ ڪيڏي تڪليف

پ- هر اُها تڪليف ڏيندي راحت مونکي، جا وٺي هلند

ويجهو تنهنجي؟

س- نہ نہ، منظور نہ آهہ ڳالهہ مونکي!

پ- مڃي بہ وڃ سسئي، نہ آ ٻي راهہ ڪائي.

س- پنهون.

پ- سسئي. سسئي پنهون ڪهڙو نہ پيارو ميل آ. (ٻئي ور

ڪوهجي ويا آهن ۽ پتليءَ جو پرويش)

پ- ڦي ويو سؤدو، مشڪ ۽ انبر جو؟

پ- آدي، هاڻ بہ دليون مائڻ جو ننگ آ توتي.

پ- مون تي؟

پ- لالا وٽ ڪندس آءُ ڪم ڪپڙن ڌوئڻ جو. لالا اڳيان يالم

ڪرڻ ڪم آ تنهنجو.

پ- ڪريو نہ اُلڪو اوهان ڪوئي. ٻندي آ حاضر. مڃائي رهند

لالا کي سوئي.

پ- ڏيان خاطري اهڙي آءٌ تي اوهان کي.
ماءُ- ڏين خاطري تون تي، چوري ڪٽي...
پ- نہ، امان، اهڙا پاڳ منهنجا ڪٿي؟ مڃان هن کي ادو آءٌ تي.
پيءُ- ٺيڪ آ، رکان پٽليءَ جي پلاڻ جي پٽ آءٌ تو. پر وٺندس پهرين آزمائش تنهنجي پٽلي ڏينس ڪپڙا بچي ڪامدار کان تورا وٺي نہ ڏجانس ڪپڙا ڪنهن تونگر جا. ڏجانس وٺي ڪنهن سفيد پوش جا. پڌ، اي پرديسي، ڌوٽئہ جي ڪپڙا سنا، ڪندس پڪي نوڪري تنهنجي...
پ- رکندس ياد هيءَ مهرباني اوهانجي.
پيءُ- پڌ ٻيو اي پرديسي، وٺين پڇي جي ڪپڙا ڪٽي، ڳولهي لهندس مان توکي جهنم ۾ بہ اچي.
پ- لالا، ڪپڙن جي ضمانت منهنجي.
(ٻئي وڃن ٿا.)
پيءُ- سسئيءَ ماءُ، ڳالہ سمجھ کان ٻاهر منهنجي. پٽلي لڳي اچ اناولي تي گهٽي.
ماءُ- (پنهنجي ئي خيالن ۾) سسئيءَ پيءُ، سوچڻ لڳي آهيان آءٌ. رب جي ڪهڙي آھ رضا. اٿين ئي نڪتي ڳالھ سسئيءَ جي جوانيءَ جي ۽ خدا موڪليو اچ ئي هي ڳهوٽ.
پيءُ- تيءُ نہ ابهري سسئيءَ ماءُ. ناھ سسئي ڪا ٻيڏڙي اسان لاءِ ڪنداسين ڦٽي. سوچي سمجهي اڪلائجي. پر ڪين ڏبي پرديس.
ماءُ- پري اڪلائڻ واري نہ آهيان آءٌ بہ، پر چوان هڪ وار...
پيءُ- سسئيءَ پنهنجيءَ لاءِ نہ ڪو ڌوبي، پر حاڪمزادو ڳولهبو.
ماءُ- آمين! شل ٿئي ائين.

فضل هيترو آ ڪيو، آن سَتار جرور ليڪو هن جو جوڙيو ٻ
هوندو. ليڪ جي ميڪ ٻ ڪندو پاڻهي پئدا.

(پتليءَ جو پرويش) اچ پتلي، بابلا ڪٿي آ سسئي اسان جي؟

پ- سسئي سرتين ۾ آ سلامت توهانجي. آءٌ هڪ ڪم خاص سان
آهيان آئي. لالا آهه يقين مونکي، نہ ڪندا نراس اوهين مونکي.

پيءُ- ڏي چئي بي حجاب. پانيان سنئون سسئيءَ توکي آءٌ.
گهرجي ڇا توکي؟

پ- مهر، اِيشور جي آ مون تي گهٽي. ڪين گهرجي ڪجهه
پاڻ لاءِ. پر ٻئي لئہ، ڪپڙن ڌوئڻ جي نوڪري.

ماءُ- اڇا، تہ تاڙيو آهه تو ٻ ڪنهن کي ڇوري؟ چوان مان
ٻہ هيترو سارو حجاب ڪرين ڇو پيئي؟

پ- نہ، امان، آهه مون وٽ هو امانت ڪنهنجي.

پيءُ- آهه ڪير، ٻڌاءِ ٻہ ڪٿي. سڄاڻندس ضرور آءٌ هن کي.
نہ آهه ڪو نگري جوان ڳجهو مونکان.

پ- پلي ڪريو پڇا. هنڪان لالا اوهان، ڏيو اِجازت وٺي هنکي اچان.

(ٻاهر وڃي پنهونءَ کي ڌوٻيءَ جي ويس ۾ وٺي تي اچي.)

پ- لالا، سلام...

پيءُ- واليقم سلام. سڄاتو ڪونہ مون توکي. نينگر آهين ڪنهنجو؟

پ- آهيان آءٌ پرديسي...

پيءُ- پرديسي؟ ڌوٻي ڪين، لڳين تہ وڏگهراڻو پيو...

پ- مصيبت جو آهيان ماريو. ڪريو رحم مونتي، لڳايوم پاڻ
وٽ ڪم تي.

پيءُ- پرديسين تي ڪهڙو پروسو؟ وڃين پڇي...

پ- ڏيان خاطري. اوهان کي آءٌ تو. قول آ منهنجو، مور نہ
ويندس ملڪ موٽي، گهاريندس هتِ باقي زندگي پنهنجي.

ر- واه! ڇا تہ علاج آ ڳولهيو تو، منهنجي محبوبا. آهين تون سياڻي گهڻي. ڇا عقل ۽ حسن جو ميلاپ ممڪن آ؟

ن- وڃاءِ وقت ڪين، اڄ سڏو مالڪ وٽ ڪپڙا پهچائي.

ـہ- (اشرفي وڃڻ لڳي تو) جو حڪم منهنجي آقا... دل ڏياڻي...

ن- واه جو لفظ تو آ جوڙيو، دل ڏياڻي.

ـہ- منهنجي دل جي ڏياڻي آن تون. ڪڏي کو توکي دل منهنجي مان تہ ڏيکاري.

(وڃڻ لڳي تو.)

ن- ڪپڙا ڏڄ مالڪ کي. خبر هرگز پوي نہ بچئي يا ابي کي.

پ- اِجهو آيس ڏيئي ڪپڙا.

ن- (خوش) اڌيون آرڀچن جو اڄي وڻ وڻ مان واس آيل پني آس، پنهون آيو پنيور ھر.

(پتليءَ جو پرويش)

پ- لڳين بيحد خوش پيئي سکي منهنجي.

ن- آهہ سڀ مهرباني تنهنجي...

پ- منهنجي نہ ڪا مهرباني آ. تنهنجي سونهن جي برڪت آ، پنهونءَ جي پيار جي پڪار آ. تنهن عشق کي شاباس، جنهن محبتي ميڙيا. جس ملي تو مونکي، اِها ٻن دلين جي مهرباني آ...

ن- نہ سکي سڀاجهي، احسان تنهنجو سگهنديس ڪين وساري، مهربانيءَ تنهنجيءَ سان پاتو پنهل مون آ.

پ- چوندا هِن ليک کي ميخ لڳئي ناهہ. ملڻو هو ٻن دلين کي ٻڌيس فقط بهانو آ؟.

ن- سرتي، ڪر هڪ احسان ٻيو پڻ اسان تي تون.

پ- چئي ڏي، آهہ جان حاضر تو لئہ.

درشيہ ٽيون

(پنهون پريشان حال ڪنڊ ۾ ويٺو آهي. سسئيءَ جو اندران پرويش)

س- پائي منهن مونن ۾ غربت ساڻ گذار... اڙي، لڳين تون تہ واقعي پريشان پيو. ڳالهہ آهہ ڪهڙي ٻڌاءِ؟ هيءُ ڇا، هٿن تنهنجن ۾ تہ پئجي لڦون آهن ويئون...

پ- لڦن جي پرواهہ ناهہ، گر تين ها هٿ رتورت، تہ بہ سؤدو سستو ڀانيان ها...

س- اي پرديسي پريتم، ناحق تو اڙايو اڇي پاڻ آ، تنهنجي ملڪ ۾، تو جهڙي ملوڪ تان، سوين ڪن ساهہ صدقي ها...

پ- پر وسارين اِهو ڇو ٿي تون تہ آنهہ لکن ۾. نہ ساري ڪائنات ۾ هڪ، خدا وند ڪريم توکي آهہ گهڙيو واندڪائيءَ ۾.

س- پوءِ آءٌ جڏهن آهيان توسان، تہ تون آنهہ ڇو ملول. هاڻ تہ آهي توکي نوڪري پڻ لالا جي.

پ- اِها نوڪري لالا جي ئي تہ آهہ خطري ۾...

س- مطلب؟

پ- هيءُ ڏس. ڏکويا مون پنهنجا هٿ. ارمان نہ اُن جو آ. هٿ نہ آيا ڪم، ڪپڙا پيا ڦاٽي آهن.

س- ڇا، ڪپڙا پيا ڦاٽي آهن. ائي الا، ٿيندو ڇا هاڻ؟

پ- اِهوئي تہ آهہ مرڻو. آهيان تڏهن تہ آءٌ غمگين.

س- دل نہ لاهہ، منهنجا پرين...

پ- پر هيءَ مصيبت، سسئي...

س- ڳولهينداسين اِن جو علاج پڻ... آهہ ڇاهہ جت، راهہ پڻ ٿي... (سوچي) ها، ڪر تون هيئن منهنجا منار، وجهہ هڪ هڪ اشرفي ڦاٽل ڪپڙي منجهہ. ڏسي اشرفي، دانهن دل اندر ويندي دٻجي.

س- سچ! ڪين ڪئي مالڪ کا شڪايت؟

پ- نہ. ترڪيب تنهنجي آئي راس. اشرفي ڏسي آئي چمڪ
هن جي اکين ۾.

چي: ڪپڙا هھڙا سنا، تہ ڪين ڏوتا ڪڏهن؟

س- ڏٺئہ، رنگ ناٽي جا نرالا.

پ- ڳالھ آهي ڪهڙي؟ لڪايو ڇا مون کان ٿا؟

م- توکان ڪيئن لڪائيندس. مڃيو آ مون توکي پيڻ پنهنجي.

پ- سچاٽان ٿي آءُ توکي، مطلبي!

س- ڪپڙا وڌا ڦاڙي پاءُ تنهنجي...

پ- ڪپڙا ڏوپيا سنا، هئي ضمانت منهنجي...

م- ضمانت تنهنجي ڪئي، اشرفين پوري. هاڻ ڪڻ ضمانت بي...

س- هن ڪنئي آ ضمانت، بڻجندي نٽان منهنجي.

پ- اونهن مان ڪنديس سپ ڪجھ صدقي ساهيڙپ جي. بي
ڪا مائٽي نہ ان جهڙي عزيز ٿي...

س- جيڪا مرضي تنهنجي ساهيڙي منهنجي...

پ- منهنجي تہ آن پيڻ، ننگ پيڻ جو نباهج.

پ- ڪم منهنجو واڪا، بڌڻ ڪم لالا جو.

پ- هي بروچ باڌائي تو...

پ- مان ڪنديس عرض، هو اگهائي نہ اگهائي.

س- هو اگهائيندو، ابو تنهنجي ڳالھ ڪين ٽاريندو...

پ- پڪاريو ايشور کي، ڏيندو مٺان ڪنهنجي هٿان... (وجي ٿي)

پ- يا علي...

س- يا مؤليٰ؟

س- بابا کي نؤڪريءَ لئہ مجارايو تو، هاڻ پنهل سان سڱ
ڳنڍراءِ تون...
پ- نہ سکي نہ، اِها جوابداري آءٌ نہ کڻان. مجيندو ڪين
لالا، چوندو آھ ھو: ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪھڙا پرين؟
س- پر پنهل هاڻ پرديسي نہ آھ.
پ- سمجهين ڪين تي تون سسئي. نيٺ بہ پنهون حاڪمزادو
آ. جي ويو هو موٽي ملڪ...
س- نہ نہ، اِها مونکي خاطري آ... ڪين ڇڏي ويندو هو مونکي.
ٻڌي هٿ ڪريان آءٌ توکي وينتي تي، مڃاءِ ابي کي...
پ- (سوچي) شرط آهن بہ...
س- ڇئي بہ ڏي...
پ- پهريون تہ سلي سچ هو لالا اڳيان. ڪري قبول تہ آھ شهزادو
ڪيچ مڪران جو. پر ڪڏهن ويندو ڪين موٽي ملڪ. ٻيو
شرط آھ تہ ڏئي لکي جندو پاڙو لالا کي...
س- جندو پاڙو! مطلب؟
پ- ها جيڪي ڪي آھ هن جو، نالي منجھ هن، سو سڀ
ڏئي لکي پڙهي لالا جي نانءِ.
س- منظور آھ. يقين آھ مونکي تہ منهنجي سانگي ڪندو
پنهل ڪي بہ. جنهن لڳائي بازي سر جي، آيو هٽ، حاڪم
مان بڻيو ڌوبي، سو سؤداگر سڪ جو، ڪين ڪندو پرواھ
مال متاع جي.
پ- پر آھ ڪٿي پنهون هن ويل؟
پ- (آڇي تو) بندو حاضر آھ آدي.
پ- ڪٿي تو پاتئين حاڪمزادا؟ آھ مزو ميرن ُگندن ڪپڙن ۾.
پ- سو سڀ سٺو، جو ويجهو رکي سسي جي ۽ فضل خدا
جو، انديشو دور ٿي ويو، دور ٿيڻ جو.

چ- ڪين لڌءِ ڪا سڌ ڪنهنجي. تڙپي هٿ ڏسڻ ڪاڻ توکي
بابو سائين ٿو.

پ- آ ڪيئن بابو سائين. چاڪ چڱو ڀلو؟

چ- هن آهن موڪليون دعائون توهان لئه.

هو- ڇا ملندو ڍڪو پاڻيءَ جو ادا پيئڻ لئه؟

پ- ڏَلَ پاڻي. اِجهو اچان ٿو کڻي. (وڃي ٿو)

چ- هوتو، تيءُ ڪين ابهرو. آ هلڻو خبرداريءَ سان. وڻڻو آ
ڪم صبر ۽ اٽڪل کان. پوي نه جئن شڪ هن کي ته
ويندا سين وٺي هتان هنکي.

هو- ۽ ڪنداسين ڌار سسئيءَ کان هنکي. پر ياءُ، ٻڌائڻ ڇا
ڪين ڪپي هن کي ته بابو سائين آ بيمار ۽ ويو آ ٿي
ڳري ڪنڌا فراق هن جي ۾...

چ- متان ڪئي اٿيئي غلطي آهڙي. هن تي آ پوٽ سوار عشق
جو هن ويل لهندو ڪين اُهو ڀنڀور ۾. لهندو سوئي ڪيچ
مڪران ۾. تيسين آهي هن کي تاتارڻو.

هو- يقين آ هن کي ڏيارڻو ته اسان ڏسڻ چاهيون ٿا هن کي
سُکي.

(پنهون ڪجھ کائڻ لاءِ ۽ پاڻي کڻي ٿو اچي)

پ- ڪريو هنيانءَ جهلو في الحال.

چ- ايندي ڪنهن مهل ڀاڄائي اسان جي؟

پ- اچڻ ۾ بس هوندي هوءَ. ويئي آ ملڻ ساهيڙيءَ سان پنهنجي.

هو- ساهيڙيءَ سان پنهنجي...

چ- خبردار! پرڻيو آ هڪ ياءُ پرديسياڻي، آهه ڇا سو ڪافي
ڪين ٿو لئه؟

هو- مون نه ڇيو ائين ئي ياءُ، فقط اکيون ٺارڻ لئه...

پ- اچو، ڏيکاريان اوهان کي ڪمرو آرام لئه. تي ٿانئيڪا

درشيم چوٿون

لاڏو ۽ شادي.

درشيم پنجون

(پنهون ڏوتل ڪپڙا ويڙهي ٿاهي پيو رکي. در تي ٺڪ ٺڪ. پنهون در کولي ٿو. در تي پائرن کي ڏسي وائڙو ٿي ٿو وڃي. ڪڏهن ڪپڙن ڏانهن ته ڪڏهن پائرن ڏانهن ٿو نهاري.)

چ- پاءُ، چونڊين ڪين اندر اچڻ لئہ؟

پ- (پاڻ سنڀالي) اچو... اچو...

هو- هي ڇا ادا؟ ٺڪرايو توهان تخت ڪيچ مڪران جو ڇا اِن لئہ؟ تہ ڌوئندوَ هت اچي ڪپڙا ميرا ماڻهن جا؟

چ- هوتو!

پ- هئي خبر مونکي تہ ايندو ڪين، هي ڪم راس اوهان کي. انڪري لاهي لڳ لاڳاپا ڇڏيا مون لڌم ڪانہ سڌ. پر ڏمڪيا آهيو. اچي اوهان هت، ڇا وڃهڻ خوشيءَ منهنجيءَ ۾ پنگ؟

چ- نہ پنهون، ڪج ڪين دل ۾ ڇيو هوتوءَ جو تون.

هو- (ڳالھ ٺاهيندي) ادا چوندا ڪين اسانکي وهڻ لاءِ اوهان؟

پ- وهو. آيا ڇو آهيو اوهان. ڇا آھ مراد اوهان جي تہ ڏسيو؟

چ- ڏسڻ فقط چاهيون ٿا اسين تہ آن تون ڪهڙي حال ۾؟

هو- آ ڪين خلل اسان جي نيت ۾.

چ- آچي ڪين نظر پاجائي تي! ٻڌو آ، آهي لکن ۾ هڪ ۽ هن سان آ محبت اٿاھ تنهنجي، انڪري لکي ڏني آ ملڪيت تو پنهنجي.

هو- ۽ ادا هن سانگي وساري ڇڏيا. اوهان مائٽ ۽ مٽي پنهنجي.

پ- ها، ڪن تا آرام اندر. (اندر وڃڻ لڳي ٿي.) وچ ڪين اندر تون هن ويل. دور مسافريءَ تان آيا آهن. ڪرڻ ڏين آرام ڪا ويل.

س- ها، صحيح فرمايو آ تو. اُتن تہ پوءِ ڪنديس آءٌ مرحبا سندن. ملهائيندا سين گڏجي جشن.

پ- پانيان آءٌ تو تہ وڏو آ هنن رنگ ۾ پنگ اچي. ڪئن نہ مؤج مزي ۾ وہا گذري مهنا ہہ. جڻ تہ ٿيا فقط ڏينهن ہہ.

س- دل نہ لاھ دلبر. ٿيءُ ڪين اُداس. جمار سڄي آ پيئي گڏ رهڻ ءَ مؤج ماڻڻ لئہ. ڪنديس آءٌ مجلس هنن جي شان ۾، ڪنديس محفل هنن جي مانَ ۾.

الله اچن اوءِ، جن آئي من سرهو ٿئي.

(پتليءَ جو پرويش)

پ- لڳين ڏاڍي خوش پيئي سڪي. لڌو تو آ ڇا سڪي؟

س- اڄ سڪي اڄ. آئي آن تون بلڪل مهل تي. آهيان آءٌ خوش پنهنجن ڏيرن جي اچڻ تي.

پ- ڏير! سنڀالجانءِ سڪي. ڏير ٿيندا ٿئي وير.

س- ڪين ڪندا مدائي منهنجا ڏير.

پ- ڪم آ منهنجو خبردار ڪرڻ توکي. ڪٿي اڳتي قسمت تنهنجي.

س- مهرباني تنهنجي. مگر آ يقين مونکي تہ ٿيندي سڀ سٺائي. ڏسيان توکي هڪ ڪم تي سڪي. مهل تي تون ئي ڪم اچٽي. وٺي آءٌ هوءَ ناچٽي. ڏير منهنجا آيا ڪين اسانجي شاديءَ ۾، سو اڄ رات مچندي محفل هنن جي شان ۾.

پ- گهرايان نگر سڄي کي؟

س- نہ ٿيندي محفل خانگي. هوندا بس، سسئي، پنهون، ڏير ءَ سڪي.

مهل تي تون ئي ڪم اچٽي.

كريو آرام تورو.

ج- ڳالھ پتي جي آ ڪئي تو. ڪرڻ گھرون ٿا اسين پڻ آرام تورو.

پ- ڪريان پوءِ اوئين جي خاطرداريءَ جو بہ بندوبست آءٌ تو.

هو- ڪين ڪريو اون اوئين جي اوهان ادا. هو پنهنجو بندوبست پاڻ ڪندا.

(سڀ اندر وڃن ٿا. سسئي ٻاهران اچي ٿي. پنهل جا ڪپڙا ويڙهي ٿي ۽ اندران پنهل ٻاهر تو اچي.)

س- هوت پنهل، آ خبر توکي ڪا. تنهنجي مشڪ انبر ڪان وڌ ڦهلي سرهاڻ سڄي ڀنڀور ۾ آ. واسيو تنهنجي منهنجي محبت سڄي شهر کي آ. سڀ آهن خوش. چون واہ جو جوڙي مزيدار آ. هڪ ٻيڏڙيءَ ڏني دعا دل سان چي جوڙي جڳ جڳ اوهان جي جيئي. وسين تون ڪٽ پيو، ٻڌين ڪين منهنجي ٻڪ پيو... تيو ڇا آ پتار، منا منار؟ اڄ سڄ کي لڳو ڪئن گرهڻ آ؟

پ- گرهڻ بہ گهاتي گرهڻ آ...

س- تيو ڇا آ منار ڏس.

پ- آهيان پريشان آءٌ، ڪريان ڪيئن پريشان توکي.

س- وسار ڪين دلبر تہ آءٌ شريڪ حيات تنهنجي، دک سک ۾ همشريڪ تنهنجي.

پ- تہ ٻڌ. سهڙيا آهن ڀائر منهنجا اچي.

س- اڙي، اِها تہ خوشخبر آ.

پ- نہ ڪو نياپو، نہ سنيهو، نہ ڪو قاصد هنن مڪو. نڪتا آهن اچي هت ري ڪوٺيا...

س- ري ڪوٺيائي سهين، ڀائر تنهنجا ڏير منهنجا آهن، هو تہ مهمان اسان جا آهن... آيا ڀلي ڪري.

پ- تہ ڪين تون آن ناخوش.

س- آهيان آءٌ بيحد خوش. ڇا آهن هو اندر؟

هنجو قؤل ڪچو.

س- ويو ڪين هوندو پنهون پاڻ، اِها پڪ آ. ڪيو جو قول هن مون سان (پيءُ ان وچ ۾ اندر اچي چڪو آهي.)

پيءُ- ڪر دلجاءِ ڏيءُ. ڳولهي لهندس پنهونءَ کي آءٌ پاڻ.

س- نہ ابا نہ، اِهو ڪم ڪين اوهانجو آ. ڪم اِهو منهنجو آ. ڪٽنديس پيرو هن جو، ڳولهينديس سڳ هن جو، پائي رهنديس هوت پنهل کي.

پيءُ- ڪين وڃڻ ڏيندس توکي اڪيلو آءٌ هيڏا ماڻهو منهنجا، هيڏو ناڻو منهنجو، ايندو ڪم ڪنهن مهل.

س- ابا آهيان آءٌ تورائتي اوهان جي. مگر ڪين تم ڀروسو هاڻ ڪنهن تي. ويندس آءٌ پاڻ پنهل ڏي. ڳولهي لهنديس هنکي يا لائينديس ڇاتيءَ سان مؤت کي.

ماءُ- نہ ٻچڙي نہ. ڪڏ ڪين وائي آهڙي. مرن تنهنجا دشمن. تون جڙي هجين جهان ۾.

پ- اڪيلي ويندينءَ ڪٿ جهنگ ۾. هلنديس آءٌ پڻ توسان. آڏا اؤکا پنڌ ڪنديس آءٌ توسان.

س- هونديس آءٌ ڪين اڪيلي. هوندي ڀچار پنهونءَ جي، ياد ٻاروچي جي مون ساڻ.

پ- مڃينديس ڪين ڳالھ تنهنجي. نباهينديس ساهيڙپ پنهنجي.

س- وٺي ڪين هلنديس توکي هرگز. لڳي جي اُج ۽ بک توکي. متان ڏيئي وجهين پاراتو پنهل کي. ڪين آءٌ جوکو آهڙو ڪڻان. هت ويهي ڪر تون دعا. امان، ابا اوهين پڻ ڪريو دعا، ڪٿي ڇٽي آءٌ موٽان.

پيءُ- خبر ڇا خاڪ هئي مونکي تہ پنهون هئينءَ ڌوھ ڪندو.

س- ڪا مُنهين ۾ گهٽ آ ابا، نہ تہ سڄڻ سٻاجهو گهٽو.

ماءُ- شل پوندي ڏيرن تي ڪا مار خدائي.

س- ڳلا ڪامَ ڪري، لکيو تان نہ ٽري... ويندس (جهڙي تهڙي

(سسئي سمهي پيئي آهي. پاسو ورائي ٿي. ننڊ ڪليس ٿي. هيڏانهن هوڏانهن ڏسي ٿي. پنهونءَ جي سيج خالي ٿي ڏسي. چلائي ٿي)

س- پنهون، پنهل ويو ڪاڏي؟ (اندر وڃي ٿي.) ڪين آهن ڏير پڻ. رنيون اٺن جون پڻ بند. (ٻاهر وڃي ٿي اُٺ ٻہ ڪونهن) آڙي تيو وٺل مون سان. تيو ڌوهہ مون سان. اَمان، لٽجي آءٌ ويئي، اَبا ڦرجي آءٌ ويئي. پٽلي- ٿي برباد آءٌ ويئي. ويو سڀ ڪجهہ ناس ٿي منهنجو. ويو پنهل ڪسجي منهنجو.

(پٽليءَ جو پرويش)

پ- ٿيو ڇا آهہ سسئي؟

س- اُهوئي ٿيڻ جو ڪپندو هو ڪين.

پ- ويا ڏير دغا ڪري؟ ڇتايو هو مون توکي.

س- ڪيو اعتبار مون. ڏيرن من ۾ هئي مدائي اصل. ڪلي ڪيڪاريائون فقط. پر ڏيان ڏوهہ ڪئن ڪين. ڇاجي ڏنگا ڏير شل منهنجو ڏينهن ڏنگو نہ ٿئي.

(ماءُ جو پرويش)

ماءُ- ٿيو ڇا ڌيءُ منهنجي؟

س- ويو پنهل مونکي ڇڏي آيل ڪيئن جيئندس آءٌ پنهل پڇاڻا؟

ماءُ- ڪر صبر ڌيءُ، هجن متان هت ئي. ويا هجن گهمڻ ڪيڏانهن.

پ- ڪين لڳي ٿي دعا دل سان.

س- اڳي اُٺ رڙن، مون پيريءَ، ماٺ ٿي.

ماءُ- ڏنئہ اوپرا اُٺ، سنڀالين تہ ها تورو.

س- اَمان، وبساهہ وسوڙي آءٌ، نڳجي ويس آءٌ. مٿان نهوڙي نيو ننڊ. سڪڻ ۾ سمهڻ، اِها بہ ڪا ريت پريت جي؟ ائي پٽلي ڪين جاڳايو تو پڻ مونکي؟

پ- ڇيو وڃڻ لاءِ سهڄيئي تو مونکي، ٻڌو ڏيرن ڀروپ ۾ توکي. پر آءٌ سڃاڻان ياءُ پنهنجي ڪي ٿي. ڪين تيندو

رحم نہ پيئہ روح ۾ تدر منهنجو کو

درشيہ - ڇهون

(سسئي رئندي رڙندي اَچي ٿي.)

س- ڏونگر ڏوراپو، پهرين چونديس پرينءَ کي.
پهڻ پير پٿون کيا، تريون ڇنيون تو
واکا کنديس وو تہ مون سان جبل تو جاڙون کري.

(پريان وينل ٻکرار تي نظر ٿي پويس. 'پنهون پنهون' پکاريندي ڊوڙي ٿي)

ٻک- جوان، سهٽي عوَرت هھڙي! يا الله نيٽ ٻڌي منهنجي تو. يا شايد ماءُ منهنجيءَ جي دعائن جو اثر تو لڳي. [چوندا آهن خدا ڏيندو آ دل کولي...]

س- کو هيارو تي کات، مئي مارڻ آئيو.

هوءَ او- هجين مَرُ هوتُ حيات، آءٌ ميائي گهوريس. (گهوري‍ِي)

ٻک- اي حسينا، کر کين ڳالھ مرڻ جي تون. [مرن شال دشمن تنهنجا.] کر ڳالھ تون تہ حياتيءَ جي. [تنهنجي منهنجي گڏيل حياتيءَ جي، خوشيءَ واريءَ حياتيءَ جي.]

س- آ يقين مونکي. لنگهيو هتان هوندو پنهل منهنجو. آدا ٻکرار ڏسُ کو ڏي، ڏٺئہ ڇا قافلي وارا.

ٻک- کين کوٽ آدو مونکي مني، تون تہ منهنجي آن محبوبا سني.

(اڳيان ٿو وڌي.)

س- وڌ کين مون ڏي اجنبي. ڳولهيان آءٌ پنهل پنهنجي کي ٿي. [ملنديس کئہ اُن محب مني سان، اندر ۾ آ لوڇ جنهن جي.]

پر نہ... پاليان...

حال سين وڃان پير پري) رهنديس ڪين ڪي، وينديس پير پري.

پيءُ- ڪر صبر ڌيءُ...

س- صبر ۽ شڪر کي ڪاهڻ آءٌ ڪندي، آهيان جنهن سندي سو تہ گهرجي ساڻ مون.

[پنهل پڇاڙا، ڏيان ٻاهر پنيور کي...]

(وڃڻ لڳي ٿي)

ماءُ- منهنجي ٻچڙي رب ٿيندو راکو تنهنجو.

پيءُ- پنداسين دعا تنهنجي خير جي.

پ- مڃ منٿ منهنجي سکي، وٺي ساڻ هل مونکي.

ڳيت فضا ۾... سسئي وڃي ٿي.

سرتيون سڄي سڄ/ متان ڪا/ مونسان هلي، متان مري/
اُڃ ڏئي/ پاراتو پنهونءَ کي

ٻ- ڇا رهندو آ پوڻرو ڪڏهن گل کان پري؟ يا پروانو ڪڏهن شمع کان پري؟ ته تيندو عشق ڪيئن حسن کان پري. هل رضا خوشيءَ تون، نه ته ڪندس آءٌ زوري.

س- مڙندو ڪين هيءُ نامراد... آڏا، ڇا ويهندو آن تون هت هرروز... آهن ڪٽ...

ٻ- ڏاڍي آن چالاڪ تون، ڦيرائين منهنجو ڌيان تون. مگر سگهندينءَ ڪين آڻي حرفت ۾ تون. ٻڌ ٻيو، ڇئه ڪين آدو مونکي. ٻٽبس ڪين ياءُ هرگز تنهنجو. ٻٽبس آءٌ ته خاوند تنهنجو.

س- يا پرودگار! ڪر ڪا مدد منهنجي. بچائين ڪين جي تون پريت منهنجي، ٿار اچي تون هيءَ آفت منهنجي.

ٻ- آن هلڻ لئه تيار محبوبا منهنجي، ڪين ڪريان آءٌ... (اڳيان تو وڌي.)

س- نه، نه، هلان ٿي آءٌ توسان. (اُٿڻ جي ڪوشش تي ڪري) پر هلان ڪيئن؟ سرير ۾ سگهه اتم ڪين، ڪاڏم پيٽم ڪي ڪين. ڇڪو ڪير جو...

ٻ- ڏنئه، ڏن پنهنجيءَ ۾، وساريم مهماني. دَلَ ڪير، اچان تو ڪٽي.

س- ننگي ننگپال، هيءَ مهل تئي ننگ ڍڪڻ جي. رک ننگ منهنجو، ٿيءُ مددگار منهنجو. هاڻ ته آهي خيال منهنجو.

پيهي جان پاڻ ۾ ڪيم روح رهاڻ، نڪو ڏونگر ڏيهه ۾ نڪا ڪيچن ڪاڻ، پنهون ٿيس پاڻ، سسئيءَ تان سور هئا.

يا علي، يا مؤليٰ، ڪر اچي مدد منهنجي، بچاءِ اچي ست منهنجو،

سڻ سوال هن هيٺيءَ جو... اي مني ماتا ڌرتي،
جي آنءُ آءٌ ستي، ڪڻ آغوش ۾ پنهنجي،
ڏينم جاءِ گود ۾ پنهنجي.
(طوفان، زلزلو)

ڏوريان ڏوريان مَ لهان، شال نہ ملان هوت،
من اندر جا لوچ، مچڻ ملڻ سين ماٺي ٿئي.

بڪ- مٺائيندس آءٌ لوچ تنهنجي، اُجهائيندس آءٌ اُڄ پنهنج

س- جني اُڄ اندر ۾ پاٽي اُڃيو تن ڪي.

بڪ- چئين تہ تون رءُ تي حسينا. تون آب حيات، آءٌ اُڃا
آبِ- حيات جو. واہ جو جوڙي ملائي مؤليٰ مددگار آ

س- نہ ادا، ڏڪن ڏڏي آءٌ، ڪنهن جي امانت آءٌ آهيان.

بڪ- ڪين ڄاڻان امانت بمانت مان آءٌ. رب اگهايو عر
منهنجو. مڪائين توکي مون ڏي. هاڻ اچ... وسار س
ڪي. ڏي خوشي ءُ وٺ خوشي.

س- ياءٌ منهنجا، سمجهايان ڪيئن آءٌ توکي، ڪين هو جڏه
چنڊ ءُ پڻ سج، لڏيون تڏهن مون لائون پنهل پنهنج
سان. آهيان آءٌ هن جي ءُ رهنديس آخر تائين، هن جي
جيڪي فراقان، سو وصالا نہ ٿئي.

بڪ- گهيلي، وڃائين ڇو جواني اُن ڪاڻ تي، ڇڏي ويو
توکي رڻ ۾ ويو جو رولي. ڪر سؤدو سڪ جو مون سا
ڏي راحت ءُ وٺ راحت.

س- اي بڪرار، اُيرندو آ ڪنهن راحت مان رنج؛ آٽيند
آ راحت ڪو رنج. ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سک
ڏکن ريءُ. ڏنا آهن مون جي ڏک، سي سپ پانيان سک
هيڪاند ڪارڻ هوت جي.

بڪ- وڃاءِ ڪين وقت ڳالهين ۾ تون. هل ساڻ مون. تيند
جيجل خوش ڏسي توکي. پُني آ آس ءُ پڻ مراد هنجي
تڙپان آءٌ پڻ تو وصال لئہ.

س- جيڪي منجھ هجر، سو وصالان ڪين ٿئي.

بڪ- حہ ءجائين وقت اجابہ تہِ تون، اُٿ، نہ تہ اُٿاربندس
آءٌ توکي...

س- نہ، لڳاءِ ڪين هٿ، رھ تون پري.

مڪران هن ڪي.

هو- آ اِڃا بابي سائينءَ جي ڏسان مرڻ ڪان اڳ هن ڪي.

پ- (پنهون اُتي هيڏانهن هوڏانهن نهاري ٿو) سسئي سسئي...

هو- ڪري ياڃائيءَ ڪي هٿ، پوندس پٽليءَ جي، مان پنڌ...

چ- ڇا چڙهيو آ نشو نينهن جو توتي...

هو- آهه گر چنڊ سسئي نہ ستارو چمڪندڙ سڪي هن جي.

چ- تيءَ نہ ابهرو، (اٿن ٽا هلڻ لڳن ٽا.)

پ- سسئي... سسئي...

(هلندي هلندي تازي ٺهيل قبر وٽ ٽا اچن. جنهنجي اڳيان ٻڪرار دعا پيو پڙهي.)

پ- درويش ڪر خبر، هيءَ ڪنهنجي آ قبر.

ٻڪ- ڪين سڏيو درويش مونکي. آهيان آءٌ گنهگار، هوس اڳ ٻڪرار حَوسَ چڏيم ماري، وڌم نظر اُن ۾، جا هئي ستي، نڪتي هئي پريتم جي ڳولها ۾. آئي ڪٽي پيرو پنهونءَ جو...

پ- چيو ڇا درويش تو، آئي ڪٽي پيرو پنهونءَ جو؟

ٻڪ- ها، پڪاريائين پئي پنهون پنهون...

پ- اُڙي ڪٿي هئي نہ ڪين سا سسئي منهنجي؟! ڏس آهه ڪٿي محبوبا منهنجي. آءٌ ئي آهيان هنجو پنهون.

ٻڪ- تون ئي آن پنهون؟ سو نردئي اُهو تون ئي آن، بي وفا پريتم تون ئي آن؟

پ- نہ ٻڪرار نہ، ڪين آن بي وفا آءٌ. [ٻٽيو هوس پرديسيءَ مان ديسي آءٌ.] ڪئي دغا ڀائرن مون سان، [ڪيو ڏوهه هنن مون سان.] ڪري بيهوش وٺي هليا ديس مونکي. ٻڌائي رکيائون بندي مونکي. مگر هئو ڪين وسارڻ سسئيءَ ڪي وس ۾ منهنجي، ڪائي قياس مونتي چڏيو ابي مونکي، ڳولهيان آءٌ سسئيءَ ڪي ٿو، وڃان آءٌ ڀنڀور طرف ٿو. آ هن ڳاله جو يقين مونکي، هوندي ڳولها ۾ هوءَ پڻ منهنجي.

ڪ- هاڻ تي ويئي دير آ پرديسي، ڪري ڳولها تنهنجي،

پنهل پاراتو ڏيانءِ بئي هٿ کٽي.
جڙيو هجين جهان ۾ ڏئيئي ڏاتر عمر گهٽي.
(ڏرتيءَ جو ڦاٽڻ) الوداع منهنجا پرين، الوداع...
(سسئيءَ جو دفن ٿيڻ. بکرار جو کير وٺي سان پرويش)
بڪ- يا خدا، هي ڪهڙو اسرار آ. چا هئي عورت واقعي پاڪدام
سنتياڻي سچي! ڏني جاءِ هن کي ڌرتيءَ ڦاٽي. بچايو خ
پاڻ هنکي حَوسَ منهنجيءَ کان. يا الله. توبهه توبهه ڪري
تو، رحم لئہ باڏايان تو. پر سنتياڻي هوءَ ڪهڙي. ڏک
جنهن بي قدر هن کي، ڏنائين دعائون دل سان اُن ک
ڪر مهر موٗليِ، آهيان آءٌ گنهگار. ڪريان آءٌ پڇتاءٌ. جوڙيا
مزار هن جي...
(قبر ڪوٺڻ لاءِ وڃي ٿو)
(چنرو ۽ هوتو ٽڪجي ويهي رهيا آهن. پنهونءَ جي پڪ
('سسئي- سسئي')
چ- ياءٌ ترس ٿورو. ڪر آرام ٿورو.
هو- ڳولهينداسين ياجائيءَ کي ڪٿ، وڃڻ واري جو هنڌ هڪ
ڳولهڻ جا هنڌ اِلاهي. چوان مان تو هلون موٽي، ادي ڪ
ملنديون ڪيچ ۾ سسئيون اِلاهي.
چ- موٽڻ نہ هوند گهران مان بہ ٿو. پر آ حڪم بابي سائين
جو، ڏيو توهان ساٿ پنهونءَ جو. اَچو وٺي ياجائيءَ کي اوهان
م- ادا، ڀاايا ڀال آهن مون سان اوهان. ڪريان اوهان ک
آجو فرمان بابي جي کان ٿو. منهنجو آ قوٗل سسئيءَ سا
جو آءٌ نباهيان ٿو. سڏي ٿي سونهن پڪاري پيار، ڪريا
ڪئن الفت کان اِنڪار. ڳولهيندس آءٌ هن کي، ملي جيسي
هوءَ مونکي، يا ٿئي نصيب موٗت مونکي.
ت- [illegible] اهڙي وٺي، [illegible] آ ساٿ جائي.
هو- ها، آ نيت بہ هوءَ ياجائي.
چ- ڳولهينداسين ياجائي پنهنجيءَ کي. ويندا سين وٺي ڪيچ

سدا حيات، پشپا مالهي

(مدن جماڻي)

پراڏو سو سڏ، ور وائي جو جي لهين

هئا اڳئين گڏ، ٻڌڻ ۾ ٻہ ٿيا

(پٽائي گهوٽ، لطيف سائين)



دادا گوبند مالهي سنڌيت جو جي سڏ هئا تہ، يقينن پشپا مالهي. دادا مالهيءَ جي سڏ جو اُهو پراڏو هو جنهن جو وجود پراڏي جيان جدا هوندي بہ هڪ هو (سڏ جو)

مالهي صاحب جي جيون ۽ ڪاريہ ۽ سنڌي، سنڌيت جي جذبي ۽ آزمودي مان پريرڻا پائي، اُن ۾ پنهنجي

سُتي ڌرتيءَ جي آغوش ۾ سسئي تنهنجي.

پ- ستي سسئي منهنجي! نہ نہ، سسئي، سسئي... ڪيو تو چا مني منهنجي، مجيو ڪيئن تو تہ ايندس ڪين آءٌ ڪڏهين. سگهياسين ڪين ملي گر هِن جڳ ۾، ڌرتي جيجل ڏينم جاءِ جيءَ ۾، ملان جئن هن سان وچي هُن جڳ ۾.

ٻڪ- آن گنهگار تون، بي وفا تون! ڏيندي ڪين ڌرتي جاءِ توکي آءٌ. هيءَ پوتي- پوتي تہ هيءَ سسئيءَ جي آ. ڏس ٻڪرار، آسائتي آچا سسئي آ، مُڪمل تيڻ لئہ ماندي آ...، آچان آءٌ تو سسئي. خدا ميڙيندو محبتي. ٻہ روح ملي تيندا هڪ پوري تيندي پياس، پڇندي آس. يا رب تنهنجو آسرو يا مؤليٰ تنهنجي مدد.

(وري طوفان، زلزلو ۽ ڌرتيءَ جو ڦاٽڻ)

ٻڪ- يا رب تون ئي آن ڪار ساز.

حقيقت. هن حال جي، جي ظاهر ڪريان ڏري
لڳي ماٽ مرن ڪي، ڏونگر پون ڏري.
وڃنِ وَڻ ٻريِ، اوير اُپرِي ڪين ڪي.
روشني جو صرف پتين تي
- پردو -

(سماپت)

مان سمجهان ٿو تہ پشپا مالهي، آشا جي ڪردار ’تون مون سان شادي ڪندين؟‘ ۾ اهڙي تہ شانائتي انداز ۾ ڪيو آهي جو مان پشپا مالهي کي شبانا عاظمي جي برابر جي ڪلاڪاره مڃيندو آهيان. اُن لاءِ مونکي فخر ۽ خوشيءَ جو احساس بہ آهي.

سنسار ۾ انيڪ ڪلاڪار آيا ۽ پنهنجو، هن دنيا روپي اسٽيج تي رول پورو ڪري، رمندا رهيا، پر اُنهن مان بلڪل چند ڪلاڪار اهڙا نظر ايندا جي تمام سٺي ڪلاڪار هجڻ سان گڏوگڏ سٺا انسان بہ هئا. سٺي ڪلاڪار ۽ سٺي انسان جو سنگم مشڪل سان ئي ملندو آهي. ڪيترائي سٺا ڪلاڪار سٺا انسان نہ هوندا آهن ۽ وري ڪيترا سٺا انسان سٺا ڪلاڪار نہ ٿيندا آهن.

سدا حيات اسان جي پشپا اُنهن آڱرين تي ڳڻڻ وارين سنڌي ڪلاڪارن مان هئي. جا سٺي ڪلاڪار سان گڏ سٺو انسان پڻ هئي. سندس اسٽيج- ريڊيو ٽي. وي. سنڌي فلمن ۽ هندي ناٽڪن ۽ مالهي پريوار ۾ ڏنل يوگدان اتهاسڪ آهي. پشپا مالهي سنڌي ’ناٽڪ‘ جي تواريخ جو اُهو سونهري ورق آهي، جنهن کانسواءِ سنڌي ناٽڪ جو اتهاس اڌورو آهي.

ياد اٿم مالهيءَ کي سڄل سرمست جي سيمينار ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ پاڪستان سرڪار وٽان نينڊ ملي. وقت تمام گهٽ هو انڪري نينڊ ملڻ بعد بہ گورڌن ڀارتي شرڪت نہ ڪري سگهيو. مالهيءَ جو سنڌ سڄل سيمينار ۾ شرڪت ڪرڻ، مها مشڪل بہ هو تہ ناممڪن بہ. پر پشپا مالهيءَ جي محڪم ارادي ۽ ڏينهن رات هڪ ڪري سرڪاري ادارن مان ڪم ڪرائڻ جي شمتا سبب ئي مالهي سنڌڙي جو ديدار ۽ سڄل

لاثاني شخصيت، نئين نهيءَ جو نظريو ملائي ساهتڪارن جي وچهِ وڌي ٿي، لکڻ جي شمتا رکندي پڻ، ساهتڪار نہ بڻجي، ڪلاڪار بڻي، سنچالڪ بڻي.

ياد اٿمِ بڙودي سميلن ۾ پشپا پنهنجو پيپر پڙهيو تہ ڪن ساهتڪارن پشپا تي الزام لڳايو تہ سندس پيپر پشپا جو نہ مالهيءَ جو لکيل آهي.

پشپا کي مان اُن وقت کان سڃاڻان جڏهن هو ۴. ۵ سالن جو معصوم ٻار هئي. انکري پشپا جي خودداري کان مان بخوبي واقف آهيان.

انکري مونکي سيا جي بڙودا سميلن ۾ اُن ساهتڪارن جي الزام تي کِل آئي. پر پشپا کي غصو لڳو، جو ڏسي مون کي خوشي ٿي ۽ مون پشپا کي چيو ’سنو ٿي لکين ۽ ايترو سنو ٿي لکين جو ساهتڪار بہ تنهنجي رچنا کي دادا مالهيءَ جي رچنا سمجهڻ جي ڀُل ڪن ٿا. پشپا اڄ مان ڏاڍو خوش آهيان ڇو نہ، ان خوشي کي دادا مالهيءَ سان گڏ رات جو ڪنهن سٺي هوٽل ۾ هلي سيليبريٽ ڪيون. هاڻ تہ ساهتڪار بہ تنهنجي رچنا کي مالهيءَ جي رچنا ٿا مڃين.‘

ائين تہ پشپا منهنجي هدايتڪاري ۾ هڪ نہ انيڪ ناٽڪن ۾ جدا جدا ڪردار بخوبي نباهيا. درشڪن جو ڪليل دل سان داد بہ حاصل ڪيو ۽ هندي ۽ سنڌي ناٽڪن ۾ انعام ۽ سنمان بہ حاصل ڪيو.

’ٻن ڪلاڪارن واري ناٽڪ جو سندس ئي قلم جو ڪمال آهي‘ جنهن ۾ آشا جي ڪردار کي جڻ نئون جنم ڏنو. ساڳيو ڪردار ”**تماري امريتا**“ ۾ شبانا عاظمي بہ ڪيو آهي.

پشپا مالھي ڪلاڪاره ’ھڪ روپ انيڪ‘



پشپا مالھي مدن جمالڻيءَ جي انعام يافته ’اٿيلو‘ ۾ ڊيٽيمونيا جي روپ ۾.

سيمينار ۾ ڀرپور ۾ سڦل ٿيو. انڪري مان، پشپا ۽ شوپا
کي دادا گوبند مالهيءَ جون ڏيئر نہ، پر پٽ مڃيندو آهيان.
هاڻ جنهن محنت، صدق ۽ سوجھ بوجھ سان شوپا، مالهي
صاحب ۽ پشپا ڪانپوءِ مرڪ، مالهي ڪلچر اڪادمي ۽ پشپا
مالهي چوڪ جھڙن ڏکين ڪارين کي آسانيءَ ۽ همت،
دورانديشي سان ڪري ڏيکاريا آهن. اُنهن کي ڏسي چوڻو
ٿو پوي تہ پشپا ۽ شوپا جھڙيون ڏيئر شل ڄمن.

(مدن جماڻي)

تون مون سان شادي ڪندين؟
(امر آشا)

ليکڪا: پشپا مالهي

هدايتڪار: مدن جماڻي

[منچ تي ٽيبل ڪرسي تي جدا جدا ويٺل - امر آشا ڏسجن ٿا]

امر- آشا، تنهنجي جنمدن پارٽيءَ ۾ اڄ شام جو شامل ٿيڻ لاءِ نينڊ ملي. عجب لڳم پر مان ضرور ايندس. نينڊ لاءِ مهرباني، امر.
(روشني امر تي آهي)

آشا- امر، Birthday Present لاءِ Very Many Thanks ڪلهه مونکي جام Presents مليون. پر سڀ کان سٺي Present مونکي تنهنجي لڳي. تنهنجي ڏنل ڪتاب جي ڪوَر تي شهزاديءَ جو فوٽو Fantastic آهي. توکي اِهو ڪتاب Present ڪرڻ جو خيال ڪئن آيو؟ [روشني صرف آشا تي آهي]

امر- تنهنجي سوال جو جواب هي آهي. جڏهن تون پهرئين ڏينهن پنهنجي مميءَ سان گڏ ڪلاس ۾ آئي هئينءَ، توکي اڇو جهالرن وارو فراق پيل هو. تڏهن تون هوبهو اِن شهزاديءَ وانگر پئي لڳينءَ. [فقط پڙهندڙ تي روشني بدلجندي رهي ٿي]

آشا- هٽ I don't believe. تو مونکي ڪتاب اِنڪري ئي ڏنو هوندو جو منهنجي مميءَ تنهنجي مميءَ کي ٻڌايو هوندو ته مونکي drawings ۽ photos ڏاڍا وڻندا آهن. تنهنجي ڪتاب ۾ فوٽا سٺا آهن.

امر- آشا، اسڪول کانپوءِ مان تنهنجي گهر هلان؟ ٻئي گڏجي راند ڪنداسين.

آشا- No. منهنجي governess آهي نه، اُها توکي ڪچو کائي ويندي. مميءَ کي پسند ناهي ته مان ڇو ڪرن سان راند ڪيان.

پشپا مالهي



(١) پشپا مالهي پنهنجي گهر ۾: پشپا مالهي ڪلاڪار؛ 'هڪ روپ انيڪ' (٢) پشپا مالهي دستمبوءَ جي شاهڪار ڪردار ۾ جگديش شرما. انيلو جي رول ۾: هدايتڪار: مدن حماڻي سنديڪار: موهن ڪلهاڻي. (٣) 'ٻول موں سان شادي ڪندين؟' نڪرياني ناٽڪ ۾ سدا حيات پشپا مالهي ۽ نوجوان ڪلاڪار ٻول مورداڻي لنڪا: پشپا مالهي هدايتڪار: مدن حماڻي پروڊيوسر: گوبند مالهي.

پيا فرينڊس مليا آهن يا نہ؟ منهنجو مطلب آهي ڇوڪرا. توکي منهنجي ياد اچي ٿي يا نہ؟ تون ڇا سچي وئڪيشن ڪشمير ۾ رهندينءَ؟

آشا- نہ، ها، ها، نہ.

امر- آشو، اڄ رات جو ڀڳونتي ناواڻيءَ جو پروگرام آهي. اسان اُتي ويندا سين. تون بہ پنهنجي ممي ڊئڊيءَ سان اُتي اچ نہ.

آشا- سنڌي پروگرام ٻڌڻ ويندين؟ امر تون ڳوٺاڻو آهين ڇا؟

امر- ڇري، سنڌي پروگرام ٻڌڻ ڳوٺاڻا نہ پر سنڌيت جا شيدائي ويندا آهن.

آشا- پاپا چوندو آهي تہ اسانکي صرف انگريزي ۽ هندي پروگرام ئي ڏسڻ گهرجن. سنڌي پروگرامن تي صرف ڳوٺاڻا ئي ويندا آهن.

امر- اسان ٻئي منڊ ڪان وني تہ ساڳئي پاڙي ۾ رهندا آهيون پوءِ اسان ڳوٺاڻا ۽ تون شهري ڪيئن ٿيئن؟ آشا هڪ ڳالهہ پڇانءِ دل ۾ تہ نہ ڪندينءِ ٻڌو اٿم تنهنجي پاپا ۽ مميءَ جا جهڳڙا ٿيندا آهن؟ ماڻهو چون ٿا تہ تنهنجو پاپا ڪنهن ٻي عؤرت جي چڪر ۾ آهي. آشا، ڇا اِهو سچ آهي؟

آشا- چڪر آهي يا نہ خبر ناهي. پر جهڳڙا روز ٿيندا آهن. امر، ڪنهن کي ٻڌائجانءِ نہ ڪلهہ رات جو پاپا مميءَ کي ماريو بہ.

امر- ڊيئر آشا، ڇيتي چنڊ ۽ نئين سال جون واڌايون. مان اِمتحان ڪانپوءِ پنهنجي نانيءَ جي گهر احمدآباد ويندس.

آشو- احمدآباد سٺو شهر آهي. مونکي هت ڏاڍو مزو ٿو اچي. ڪبير نگر ۾ سنڌي گهڻا آهن. جتي ڪٿي سنڌي ٻولي ٻڌڻ ۾ ايندي آهي.

دهليءَ واپس اچي خبر پيئي تہ تون نانيءَ جي گهر اجمير ويئي آهين. مون توکي احمدآباد مان خط لکيو هو. مليئہ يا نہ؟ جواب ڇونہ ڏنئہ؟ هاڻي تہ وئڪيشن پوري ٿيڻ تي آهي. اڃا واپس ڇونہ ٿي اچين؟

آشا- هاڻي مان هتي نانيءَ وٽ ئي رهنديس. توکي شايد خبر

امر- رسيس ۾ مون سان هلندينءَ؟ گولو ڪائيندا سين.

آشا- گولو. ضرور هلنديس.

امر- آشو، اڄ ڊئڊيءَ منهنجو نوٽبڪ ڏٺو. غصي ٿيو. چيائين، 'ڪلاس ۾ ڇوڪرين کي خط نه لکندو ڪر' ۽ مون کان سڄي پيج تي لکرايائين، 'ڪلاس ۾ ڇوڪرين کي خط لکڻ بري ڳالهه آهي.'

آشا- ڇوڪرين کي خط لکڻ بري ڳالهه آهي.

امر- ڊيئر آشا، نئون سال مبارڪ.

آشا- Happy New Year. هي ڪارڊ مون تو لاءِ ٺاهيو آهي هڪ پاسي سمنڊ جي ڪناري تي پراڻي سال جو سج لهي رهيو آهي ۽ ٻئي پاسي جبلن جي پنيان نئين سال جو سج اُڀري رهيو آهي. سمنڊ جي ڪناري تي وڻ تي جيڪو اُلو ويٺو آهي نه خبر اتئي ڪير آهي؟

امر- ڇا مان اُلو آهيان؟ مون به هڪ چتر ڪڍيو آهي. رنڌڻي ۾ جيڪا ٻلي ڪير پي رهي آهي سا خبر اتئي ڪير آهي؟

آشا- (ڪل) هيءَ ٻلي آهي؟ ڪين ٻڪري.

امر- ٻلي آهي يا ٻڪري آهين نه تون ئي نه!

آشا- ڇا مان ٻلي آهيان؟ توکي جڏهن drawing ڪڍڻ نه ايندي آهي نه پوءِ ڇو تو ڪڍين. اُن ڏينهن ڪلاس ۾ طوطو ڪڍڻو هو نه تو ڪڍيو ڪوئو.

امر- drawing ۾ تو وانگر هوشيار نه آهيان نه ڇا ٿيو؟ پڙهائيءَ ۾ نه توکان هوشيار آهيان.

آشا- ناراض ٿي وئين. Sorry.

آشا- ڊيئر امر، وئڪيشن ۾ اسان ڪشمير آيا آهيون. مون توسان Promise ڪيو هو نه نه مان توکي Picture Post Card موڪليندس سو هي رهيو ڏل ليڪ جي Scene .

امر- ڇري، پڪچر پوسٽ ڪارڊ پنيان پرسنل نوٽس به لکبا آهن. جئن نه توکي ڪشمير ۾ مزو اچي ٿو؟ اُتي توکي

هاڻي تون ٻڌاءِ تون ڪيئن آهين؟ تنهنجو نئون اسڪول ڪيئن آهي؟

آشا- تنهنجو خط تنهنجي باري ۾ هو يا تنهنجي پيءُ ۽ سنڌ جي؟ تو پنهنجي باري ۾ ته ڪجھ ڪونه لکيو. تنهنجون Feelings ته هيون ڪونه. Feelings سمجھين تو نه؟ مان پنهنجون Feelings ٻڌايانءِ؟ اجمير گندو شهر آهي. نانيءَ جو گھر گندو آهي. هتان جو اِسڪول، اسڪول جا ٻار گندا آهن. تون گندو آهين. مان گندي آهيان، زندگي ئي گندي آهي.

امر- گندي ڇوڪري، ٻڌاءِ آخر ٿيو ڇا آهي؟

آشا- مونکي هتي بلڪل مزو نٿو اچي. پاپا جي ڏاڍي ياد ايندي آهي. دل ٿيندي آهي ته هڪ ڀيرو دهلي وڃي پاپا سان ملي اچان. پر ممي مونکي پاپا جو ذڪر ڪرڻ ئي نه ڏيندي آهي ۽ ناني- ناني ته ممي جي به ماءُ آهي. پاپا جو ته ڇا دهليءَ جو نالو به وٺڻو ناهي، ڇوڪرن سان ڳالهائڻو ناهي. ڇوڪرين سان گھمڻو ناهي. هي ڪرڻو ناهي. هو ڪرڻو ناهي. جيئڻ ئي جنجال ٿي پيو آهي. امر، تون ئي اچي مونکي هن نرڳ مان ڪڍ نه، Please. پر تون پنهنجي ڊئڊيءَ جي مرضيءَ بنا ٿورئي ڪجھ ڪندين. تون صرف جلد جلد وڏا وڏا خط لکندو ڪر، جئن پڙهي ٿي ئي سهين. مان تنهنجو آواز ته ٻڌي سگھان.

امر- مان به مصيبت ۾ آهيان. مونکي نئين اسڪول ۾ پرتي ڪيو اٿن جنهن ۾ ڇوڪريون ڪونهن. پر اِسڪائوٽنگ آهي. ڊئڊيءَ جو چوڻ آهي ته اِسڪائوٽنگ سان انتظام سکجي ٿو.

آشا- ڊيئر امر، گڊ نيوز فار يوُ. مميءَ مونکي وئڪيشن ۾ پاپا وٽ دهليءِ اچڻ جي، پرميشن ڏني آهي. آشا.

امر- آشا، سچ تون وئڪيشن ۾ دهليءَ ايندينءَ؟

امر- وئڪيشن شروع ٿي ويئي، پر تون اڃا ڪانه آئي آهين. ڪڏهن ايندينءَ؟

امر- آشا، تون ڪٿي آهين؟ سڄي وئڪيشن تنهنجو انتظار

ڪانهي. توهان احمدآباد ويا هئا. هڪ ڏينهن ممي ۽ پاپا
ڪي هن بي عزت سان ڳڌ پڪڙيو. ٻنهي جو خوب جهڳڙو
ٿيو. ممي مونکي وٺي اجمير هلي آئي آهي ۽ چئي ٿي
وري ڪڏهن به پاپا وٽ نه هلنداسين.

امر - اِن جو مطلب هاڻي تون ۽ مان وري گڏجي نه سگهنداسين؟
آشو، خط ته لکندين ۽ نه؟

آشا - خط! نه بابا نه. خط لکڻ ۾ مونکي مزو نه ايندو آهي.
تنهنکان ته پينٽنگس سؤليون. منهنجي ناني ۽ وٽ هڪ
ٻلو آهي. هي اُن جو چتر آهي. منهن ٿورو بگڙجي ويو
اٿس نه ته بلڪل تو وانگر لڳي ها.

امر - هي اُهوئي ٻلو آهي نه جنهن کي تو هڪ دفعو دري ۽
مان ڦٽو ڪيو هو؟

آشا - نه. عقل جا احمدآباد، هو ٻلو نه ٻلي هئي.

آشا - .Happy Diwali

امر - توکي به ڏياري ۽ جون لک لک واڌايون.

امر - چيٽي چنڊ جون واڌايون. مونکي سڃاتئه امر، امر پرسواڻي.
يلجي ته نه ويئي آهين نه؟ اِهو اِنڪري لکي رهيو آهيان
جو مهنن کان تنهنجو خط ڪونه آيو آهي. اسان نئون گهر
ورتو آهي. بابا نئين گهر کي اهڙو سڃايو آهي، جهڙو
گهر هو ورهاڱي جي ڪري سنڌ ۾ ڇڏي آيا هئا. گهر
جو نالو رکيو اٿائين 'سنڌو'. گهر جي ٻاهرئين دروازي
تي شاه جو فوٽو آهي ۽ اُن جي هيٺان لکيل آهي: سائينم
سدائين... ٻاهرئين ڪمري ۾. جنهن کي بابا اوطاق سڏيندو
آهي. هن واڻ جي ڪٽ ۽ حقو رکيو آهي. سنڌ جو نقشو
به ٽنگيو اٿائين. پنهنجي ڪمري ۾ هن سنت ڪنوررام
جو آدم قد Statue رکيو آهي. سڀ چوندا آهن توهان جي
گهر ۾ پير رکڻ سان عجيب آنند ايندو آهي. هي گهر
سنڌ جون سڪون ٿو لاهي. هاڻ سمجهيو اٿم ته بابا سڄو
وقت ڇو ڳنگنائيندو رهندو آهي: سنڌو ديس جي ذرتي.

ڪي سڄاڻين؟

امر- نہ، بلڪل نہ، آسان جي ڪاليج ۾ اهڙو ڪو ڇوڪرو ڪونهي. تون پنهنجي پڙهائيءَ ۾ ڌيان ڏي، ڇوڪرن ۾ نہ.

آشا- تون تہ ائين ٿو ناراض ٿين ڄڻ تہ هو منهنجو بواءِ فرينڊ آهي. سِلي بواءِ، هو منهنجي ساهيڙيءَ جو هوُ آهي.

امر- هو آهي؟ پوءِ ٺيڪ آهي.

امر- ماءِ ڊيئر آشا، هئپي برٿڊي.

آشا- ٿئنڪ گاڊ، توکي منهنجو برٿ ڊي ياد آهي.

امر- ايس. ايس. سي. پاس ڪرڻ تي واڌايون. Thank You. Yours Asha.

آشا- ڇا تون منهنجي مذاق ٿو اُڏائين. تون گرئجوئيشن تي پهتو آهين ۽ مون اڃا هاڻ ايس. ايس. سي. ڪئي آهي. پوءِ بہ ڪيم تہ سهين. اڏ ۾ تہ ڪونہ ڇڏيم.

امر- اڳتي ڇا ڪرڻ جو اِرادو اٿئي.

آشا- اڃا تہ ڪجھ سمجھ ۾ نٿو اچي. پر پهرين دهليءَ ايڊميشن. پاپا سان ڳالهائڻ. تون سوچي ٻڌائج تہ مونکي ڇا ڪرڻ گهرجي. وڏيڪ روبرو.

امر- I am sorry. تون دهليءَ اچڻي آهين ۽ مونکي انهن ڏينهن ۾ ئي مميءَ سان اِندور وڃڻو آهي. ناني سخت بيمار آهي.

امر- آسان هتي اِندور پهچون ئي پهچون. تنهنڪان اڳ ناني پرلوڪ پڌاري. ٻارهو ڪري دهليءَ موٽنداسين. شايد توسان دهليءَ ۾ ملڻ ٿئي.

امر- ڀائي تون آهين ڪٿي؟ مون توکي اِندور مان خط لکيو. جواب ندارد. هت اچي خبر پيم تہ تون ٽن چئن ڏينهن ۾ ئي واپس اجمير هلي وئينءَ؟ آشو، آخر ٿيو ڇا؟

امر- آشا، پليز احوال تہ ڏي. تنهنجي پاپا توکي ڪجھ چيو؟ يا تنهنجي ٻيءَ ماءُ سان ڪا اٽبٽ ٿي؟

آشا- امر، هن ڪانپوءِ ڪڏهن پلجي بہ منهنجي پاپا يا منهنجي ٻي ماءُ جو ذڪر مون سان نہ ڪج.

ڪيم پر تون ڪانہ آئينءَ. ڪيترا ڀيرا تنهنجي گهر ويس پر اُتي هميشه تالو لڳل هو. آشو، پليز جواب ڏي. اَمر.

آشا- ڊيئر اَمر، لاسٽ منٽ تي نانيءَ منهنجو دهليءَ اچڻ ڪئنسل ڪيو. خبر اٿئي ڇو؟ منهنجي ناني حقو ڇڪيندي آهي. ناني جڏهن کٽ تي ويهي. ٻڙ ٻڙ ڪري حقي (Conversat) مان ڦوڪ ڀري، نڪ ۽ وات مان (اِنجڻ وانگر) دونهون ڪڍندي آهي. تڏهن اَلائي ڇو ناني مونکي ڏاڍي وڻندي آهي. هڪ ڏينهن منهنجي بہ دل تي آهي تہ مان بہ نانيءَ وانگر نڪ ۽ وات مان دونهون ڪڍان. ناني حقو ڇڏي ڪنهن ڪم سان رنڌڻي ۾ ويئي تہ موقعي جو فائدو وٺي مون بہ حقي مان ڦوڪ ڀري. ڦوڪ ڀرڻ سان خبر ناهي ڇا ٿيو چڪر اچڻ لڳا ۽ زبردست کنگهہ اچي ٿي. ناني ۽ ممي ڊوڙنديون آيون ۽ منهنجي حالت ڏسي سمجهي ويئون تہ مون حقي سان مستي ڪئي آهي. اِنڪري سزا طور نہ صرف مونکي ان ڏينهن ڪوٺيءَ ۾ بند ڪيائون پر منهنجو دهلي اچڻ بہ ڪئنسل ڪيائون. اَمر، مونکي سزا جو ڏک ڪونهي. ڏک ان ڳالهہ جو تہ مان نانيءَ وانگر نڪ ۽ وات مان دونهون ڪانہ ڪڍي سگهيس.

اَمر- ماءِ ڊيئر آشا، معاف ڪجِ. خط جو جواب ڏيڻ ۾ دير ٿي. ڊئڊي ڪجهہ مهنن لاءِ بامبي ويو آهي. گهر جون جوابداريون منهنجي سپرد آهن. مٿان وري ايس ايس سي جي پڙهائي. ڪلهہ اَجا پرليمس پورا ٿيا آهن. ٿورو وقت مليو آهي. هاڻي بورڊ جي اِمتحانن جي تياري ڪرڻي آهي.

آشا- Congrates هاڻي ايس. ايس. سي. پاس ڪرڻ ڪانپوءِ ڇا ڪرڻ جو ويچار اٿئي؟

اَمر- مان سائنس ڪٽڻ تو چاهيان، پر ڊئڊي چئي تو آرٽس ڪٽي ايل. ايل. بي. ڪر. اِنڪري آرٽس ۾ داخلا ورتي اٿم.

آشا- ڊيئر اَمر، ڇا تنهنجي ڪاليج ۾ ڪو اجمير وارو راجيش ميراڻي آهي. هو لنبو آهي، رنگ سانورو آهي، فئنسي ڪپڙا پائيندو آهي ۽ هميشہ ڳاگلس پائي گهمندو آهي. تون اُن

هو بلڪل آوارا ڇوڪرو آهي. هاڻ مان هن سان ڳالهائيندي به نه آهيان. ها، اِهو سچ آهي ته مان ساگر سان جهڙو تي ويئي هئس. سمنڊ جون الڳ الڳ ڪئنويس سينس ڪيڻ ويا هئاسين. پينٽنگ ڪندي ڪندي مان قدرتي نظارن ۾ کوهجي ويس. ساگر اُن جو فائدو وٺي مون سان ڇيڙڇاڙ ڪئي. مونکان غلطي تي ويئي. تراء ونس اگين. پر سچ اِهوئي آهي پيو ڪجھ به نه. جيڪڏهن تو اِن ڪان وڌيڪ ڪجھ ٻڌو آهي ته اُهو سراسر ڪوڙ آهي.

آشا- ماء ڊيئر امر. تو گهٽي وقت ڪان خط جو جواب نه ڏنو آهي. لڳي تو اڃا تائين غصو اٿئي. معاف ڪر نه. وري ڪڏهن توکي ڪو شڪايت ڪرڻ جو موقعو نه ملندو. آء پرامس، بس.

آشا- امر، اڃا تنهنجو خط نه آيو آهي. نانيءَ جي طبيعت خراب آهي. مان اجمير وڃي رهي آهيان.

امر- آشا، هونءَ ته فيصلو ڪيو هوم توکي وري ڪڏهن خط نه لکندس. پر تنهنجي مميءَ ۽ نانيءَ ٻنهي جي اوچتي موت جو ٻڌي، رهي نه سگهيس. تنهنجي ناني ته بيمار هئي ئي، پر ٻڌم ته تنهنجي مميءَ کي اوچتو ئي اوچتو هارٽ اٽئڪ تي ۽ هوءَ پاڻ تنهنجي نانيءَ کان اڳ گذاري ويئي. تون هاڻي پاڻ کي هڪدم اڪيلو محسوس ڪندي هونديءَ. مان تنهنجو درد محسوس ڪري سگهانٿو. ڇا هاڻ تون دهليءَ پنهنجي پاپا وٽ ايندينءَ؟

امر- آشو، مونکي چنتا تي پئي آهي، تو ڪو جواب ڪونه ڏنو آهي.

آشا- مونکي ڪجھ وقت لاء اڪيلو ڇڏي ڏي پليز.

امر- هئپي نيوُ ايئر آشا.

آشا- هئپي نيوُ اِيئر.

امر- هئپي برٿڊي.

آشا- ٿئنڪ يوُ.

امر- ڊيئر آشا، منهنجي صلاح مڃ، واپس بمبئيءَ وڃ، پنهنجي

امر- ٺيڪ آهي، نہ ڪندس. پر هاڻ تون ڪرڻ ڇا ٿي چاهين؟

آشا- مان تہ ڊرائينگہ ۾ ڊپلوما ڪرڻ ٿي چاهيان. پر ناني، ناني فوٽرن منهنجي شادي ڪرائڻ ٿي چاهي. مميءَ ڇوڪرا ڳولهڻ بہ شروع ڪيا آهن. امر، تون مون سان شادي ڪندين؟

آشا- مميءَ مون لاءِ هڪ ڇوڪرو پسند ڪيو آهي. مون کي تون پسند آهين. آءِ رپيٽ، تون مون سان شادي ڪندين؟

امر- مان توسان شادي نہ ڪري سگهندس. ڊئڊيءَ کي اِهو رشتو پسند نہ ايندو. هن کي اڳيئي توهان جي گهر سان چڙ آهي. چاهيندي بہ توسان شاديءَ جي ڳالهہ مان هن سان ڪري نٿو سگهان.

آشا- To Hell with you and your daddy الائي تون ڪڏهن وڏو ٿيندين ۽ پنهنجا فيصلا پاڻ ڪندين. ايني وي، تنهنجي انڪار مونکي چئلينج ڪيو آهي. مان سوچيان ٿي بمبئيءَ جي J.J. School of Arts ۾ ائڊميشن وٺان. تنهنجي ڪهڙي صلاح آهي؟

امر- تنهنجو فيصلو ٺيڪ آهي. ننڍي هوندي کان ئي تون چتر سنا ڪڍندي آهين. تون ضرور اِن ۾ ترقي ڪندينءَ.

آشا- هاءِ امر. مان بمبئيءَ پهچي ويئي آهيان. مون بمبئيءَ جي J.J. School of Arts ۾ ائڊميشن ورتي آهي ۽ گرلس هاسٽل ۾ رهندي آهيان.

(No Gap)

مون کي هتي ڏاڍو مزو ٿو اچي. کٽ پٽ (روڪ ٽوڪ) ڪرڻ وارو ڪوئي ڪونهي.

I am a free bird Now.

امر- بمبئيءَ ۾ هئنگنگ گارڊن يا جهوُ نالي کي گهمڻ جون جڳهيون آهن ڇا؟ ڇا اِهو سچ آهي تہ تون ساگر نالي هڪ ڇوڪري سان جهوُ تي ويئي هئينءَ ۽ هن توسان.... چي. مونکي بڏي شرم آيو ۽ توتي غصو بہ.

آشا- SORRY. ساگر مون سان گڏ جي.جي. اسڪول ۾ آهي.

مان دونهون ڪڍڻو هو. مهرباني ڪري ٻڌاءِ تہ اڳتي ڇا ڪريان؟ اِسڪول وارن تہ رسٽيڪيٽ ڪيو آهي. منهنجي ساهيڙي ڇئي ٿي تہ ڪلڪتي جي شانتينڪيتن ۾ وڃي سکيا جاري رک. رکان؟

امر- جئن وڻيئي تئن ڪر.

آشا- وڃي ڪڏ ۾ پؤ. ڇونہ لکيئہ. مان ڪلڪتي پهچي ويئي آهيان. باءِ د وي، تنهنجي هيءَ جيا ڪير آهي؟ جنهن سان تون اڄڪلہ فريڪئنٽلي ڏٺو ويندو آهين؟

امر- جيا اسان جي اکل ڀارت سنسٿا جي استري وڀاڳ جي سيڪريٽري آهي، بس.

آشا- پوءِ ٺيڪ آهي.

آشا- آمر اي بابو موشايہ، لڳي ٿو تنهنجو غصو آجا لٿو ناهہ. تڏهن تہ تنهنجي ايل. ايل. بي. پاس ڪرڻ جي خبر تومان نہ پيئي، ٻين مان پيئي. Congratulations.

امر- Thank You.

آشا- ڪاري ڪوٽ ۾ تون ڪيئن لڳندو آهين؟ ڪاري ڪوٽ ۾ پنهنجو هڪ فوٽو موڪل نہ.

آشا- فوٽي لاءِ ٿئنڪ يوُ. تون سچ پچ هئنڊسم ٿو لڳين.

آشا- هئپي نيوُ اِيئر. هي ڪارڊ مون پاڻ ٺاهيو آهي. پيئنٽنگہ؟

امر- مونکي تنهنجي پيئنٽنگہ ۽ تنهنجو 'سينس آف هيومر' وڻيا. تون بهتر چترڪار ٿي سگهين ٿي. آشو. تون پنهنجي چترن جي ايگزيبيشن ڇو نہ ٿي ڪرين؟

آشا-

Asha Ahuja Cordially invites you to attend the exhibition of her paintings at Tagore Art gallery from February 1st to Feb. 4th (10 to 6.)

امر- ڪيپ اِٽ آپ. نماءُ ڪيئن ويو؟

آشا- ايڪسلينٽ. سيني ڏاڍي ساراهہ ڪئي. تون ڇا ۾ بزي آهين؟

امر- ماءِ ڊيئر، آشا. ايندڙ مهني ناگپور ۾ اکل ڀارت سنڌي

آرٽس جو ڪورس پورو ڪر. منهنجي صدقي ٿي وڃ. (فار ماءِ سيڪ).

آشا- امر مان ممبئيءَ آئي آهيان.

امر- ڊيئر آشا، منهنجي ڊئڊي ڪجھ سالن سان گڏجي اکل ڀارت سطح تي هڪ سنسٿا ٺاهي آهي. اُن سنسٿا جو مقصد آهي. سنڌي ٻولي ۽ سنسڪرتيءَ جو بچاءُ ۽ ڦهلاءُ ڪرڻ. دنيا ڀر ۾ ٽڙيل پکڙيل سنڌين کي يڪمشت ڪرڻ ۽ سنڌين جي جائزي حقن حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ. اِن لاءِ اسان کي جتي جتي سنڌي رهن ٿا اُنهن شهرن ۾ وڃي سيمينار، سميلن پوءِ ۽ سنڌي پروگرام ڪرڻا پوندا.

سنڌي آهيان، سنڌي آهيان، سنڌي منهن جي ٻولي،

ڪئن وساريان ٻولي، جنهن ۾ ماءُ ڏني مونکي لولي،

امر- مان ته ڪيئن نه وڏو خط لکي توکي بور ٿو ڪريان. هاڻ تون احوال ڏي تنهنجو ڪهڙو حال آهي؟

آشا- منهنجو حال بيحال آهي. مونکي آرٽ اِسڪول مان ٿي ڪڍيو ٿو وڃي. خبر اٿئي ڇو؟ لاسٽ سنڊي تي اسين ايگزيبيشن ڏسڻ وياسين. اُتي هڪ پينٽنگ ۾ راڻي حقو ڇڪي رهي هئي. راڻيءَ کي حقو ڇڪيندو ڏسي، مونکي نانيءَ جو حقو ياد اچي ويو. توکي ياد آهي نه. نانيءَ جو نڪ ۽ وات مان دونهون منهنجي به دونهون ڪڍڻ تي دل ٿي. سو پاسي ۾ بيٺل هڪ فارينر کان سگريٽ وٺي هڪ وڏو دم هنيم. کنگھ ته ٿي پر نڪ ۽ وات مان دونهان به زبردست نڪتا.

امر- تو مان بي ڪهڙي اُميد ٿي رکي سگهجي. حقو ڇڪيو هو ۽ نه. هاڻي چرش وارو سگريٽ به ڇڪيو هوندءِ.

آشا- مون کي تو مان اِها اُميد ڪانه هئي، ته ڪو تون به مونکي غلط سمجهندين.

سچ ته اِهو آهي جو اجا به مونکي خبر ناهي ته چرش ۽ تماڪ ۾ فرق ڪهڙو آهي. مونکي ته صرف وات ۽ نڪ

امر- ها يا نہ تہ لک.

امر- هئپي برٿڊي آشا.

آشا- پريہ متر، تنهنجي ڊئڊيءَ جي ديهانت جو ٻڌي ڏاڍو ڏک ٿيو. جيتوڻيڪ هن مونکي ڪڏهن بہ پسند نہ ڪيو ۽ هن کي منهنجي توسان دوستي بہ نہ وڻندي هئي. پر تو تي هن جو ڪافي اثر هو ۽ تون هن جو فوٽو ٽائيپ هئين. مان تنهنجي ڏک ۾ همشريڪ آهيان.

امر- ڊئڊيءَ جي ديهانت منهنجي مٿان گهڻيون جوابداريون وجهي ڇڏيون آهن ۽ ممّيءَ جي صحت بہ اڄڪلهہ ٺيڪ نٿي رهي. ڇئي تي حياتيءَ تي کهڙو ڀروسو. مرڻ کان پهرين نونهن جو منهن ڏسڻ تي چاهيان. سو هاڻي هن ڇوڪريون ڏسڻ شروع ڪيون آهن.

امر- سهڻي مليس ڪنوار راڻو ڇونہ مرڪي. سک ڀريو سڏڙو. شريمتي رتنا پرسواڻي توهان سڀني کي قربائتي ڪوٺ تي ڏئي. سندس نورچشم امر جو شپ وواهہ سرلا سپتري ليلارام پهوجا سان تاريخ ١٥ مئي تي طئہ سن ائنڊ سئنڊ هوٽل ۾ آهي.

Mr & Mrs. Amar Wish you a happy married Life.

امر- شاديءَ جي پريزنٽ لاءِ شڪريہ (منهنجي ۽ سرلا جي طرفان.) آشا- هئنڊ پينٽ ڪيل ساڙهي سرلا کي ڏاڍي وڻي. لڳي ٿو تو دل سان پينٽ ڪئي آهي.

آشا- ٻڌان ٿي هاڻي تون پالٽڪس ۾ گهڙيو آهين ڇا منسٽر ٿيڻ ٿو چاهين؟ شاديءَ ڪانپوءِ بہ ايترو ٽائيم ڏيئي سگهين ٿو؟ گو اهيڊ.

امر- هئپي برٿڊي. آشا. ڏس شاديءَ ڪانپوءِ بہ تنهنجو جنمڏن نہ وساريو اٿم. شاباس اٿم نہ؟

آشا- آفڪورس. امر- هاڻ اِنڊيا ۾ منهنجو من نٿو لڳي نہ اِنڊيا ڇڏي مان فرانس وڃان؟

سميلن آهي. مان زونل سيڪريٽري آهيان. انڪري سميلن جي تيارين ۾ بزي آهيان. تون ايندينءَ سميلن تي؟ پر نه، تون ڪيئن ايندينءَ سنڌي سميلن تي! سنڌي پروگرامن تي ته ڳوناٽا ويندا آهن. نه؟

آشا- مان سنڌي سميلن تي هڪ ڳوناٽي سان ملڻ ايندس. پرووائيڊيڊ ڳوناٽو. مون لاءِ ٽائيم اِسپيئر ڪري سگهي.

امر- تو لاءِ ٿورو وقت ضرور ڪيندس. توکي ڏٺي سال ٿيا آهن. تون ضرور اچڄ. الله اچن اوءِ، جن آئي من.

آشا- ڊيئر امر، سالن ڪانپوءِ توسان ڳڏجي مزو آيو. تون ڪيترو نه بدلجي ويو آهين. جيڪڏهن تنهنجو ڪاري ڪوٽ وارو فوٽو نه ڏٺو هجيم ها ته توکي سڃاڻين نه سگهان ها.

امر- تون به ته ڏاڍي بدلجي ويئي آهين. چارمنگ ته تون ننڍي هوندي ئي هئينءَ. پر هاڻي ته بيوٽي آهين. توسان گڏ گهاريل گهڙين جي باري ۾ اڪثر سوچيندو رهندو آهيان. لڳندو آهي ڪٿي نه ڪٿي ڪا ڪمي هئي. تون اُها نه هئينءَ. جنهن کي مان سڃاڻان. جنهن سان مان خطن ذريعي ملندو آهيان. مون کي تون، تون نظر نه آئينءَ؟ توکي به شايد اهڙو ڪجهه محسوس ٿيو. انڪري مون سان گڏ هوندي به تو مون ۾ ڪنهن ٻئي کي پئي ڳولهيو. سمجهه ۾ نٿو اچي ته اِئين ڇو هو؟

آشا- امر، خبر اٿئي ڇا آهي؟ اِنفئڪٽ پرابلم، بلڊي تو سان يا مون سان نه هنن خطن سان آهي. ننڍي هوندي کان اسان هڪ ٻئي ڏانهن خط لکندا آيا آهيون. خطن وارو تون ۽ خطن واري مان حقيقي تون ۽ مان کان الڳ آهيون. فيلنگ پينٽنگ. هن ڪانپوءِ نه تون مونکي خط لکج ۽ نه مان ئي توکي خط لکنديس، ائين ئي بهتر ٿيندو.

امر- نه اهڙو ظلم نه ڪج. تو ڏانهن خط لکڻ ۽ تنهنجا خط پڙهڻ منهنجي زندگيءَ جو حصو بڻجي ويو آهي. اُن ڪانسواءِ مان رهي نه سگهندس...

امر- ڇا ٿيو مائي، سچ پچ خط لکڻ بند؟

مٿان وري منهنجي مئرڊ لائيف ٺيڪ نہ آهي.

All that gilters is not gold.

هن جي بروٽل بهيويئر وحشي وهنوار ڪري مون هن کي ڇڏي ڏنو آهي ۽ (سبب) هاڻ مون وسڪي ۽ ننڊ جي گورين سان دوستي ڳنڍي آهي.

امر- آشا، منهنجي نظر ۾ تنهنجو سچو دوست آهي ڪلا. تون وري چترن جي دنيا ۾ موٽي وڃ.

آشا- شايد تون صحيح آهين. مونکي وري پينٽنگس ٺاهڻ گهرجن. مان ضرور ڪوشش ڪنديس.

امر- هئپي برٿڊي. هاڻ ڪيئن آهين تون؟

آشا- آءِ ايم امپرونگہ. ڪجهہ پينٽنگس ٺاهيون اٿم. ڪافي دلچسپ آهن. توريون ٻيون ٺاهيان تہ ايگزيبشن رکنديس.

امر- تنهنجن چترن جي نماءُ جو نينڊ پتر مليو. آل د بيسٽ.

ق. ت. چاهيان ٿو تنهنجي ڪا پئنٽنگہ پنهنجي ڊرائنگہ روم ۾ ٽنگيان. تنهنجي پئنٽنگہ جي قيمت گهٽي هوندي؟

امر- ٿئنڪس. پينٽنگ ملي. پئنٽنگہ جا ٻہ ٻار ۽ اُن جو ڪئپشن ٻچپن ڪي دن ڀلا نہ دينا. وٽيا واه!

آشا- امر نئين مما جي تار آئي آهي. پاپا کي هارٽ اٽئڪ ٿي آهي.

Reaching Delhi Soon.

آشا

امر- فون تي توسان ڪانٽئڪٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم. پر نو ريسپانس. هاڻي تنهنجي پاپا جي طبيعت ٺيڪ هوندي. تنهنجي نئين ماءُ ڪيئن آهي. سڀ سک تہ آهي نہ؟

آشا- هوءَ هرويرو خراب ناهي. هونءَ بہ انسان بنيادي طرح انسان آهي. سٺو يا خراب هن کي حالتون بڻائينديون آهن. لڳي ٿو مون هن کي سمجهڻ جي ڪوشش نہ ڪئي هئي.

امر- سٺي ڳالهہ آهي توکي نئين ماءُ وڻڻ لڳي آهي. هاڻ تنهنجي

امر- ڊيئر آشا، تون مون کان ايترو پري هلي ويئي آهين جو منهنجي چنتا هيڪاري وڌي ويئي آهي. پنهنجو خيال رکج.

تنهنجو امر.

آشا- مائيڪل نالي سان هڪ پينٽر منهنجي زندگيءَ ۾ آيو آهي. تمام سٺو پينٽر آهي. نه صرف هن جون پئنٽنگس پر هو به مونکي وڻندو آهي. هن مونکي پرپوز ڪيو آهي.

آشا- ڊيئر امر- هي خط مان توکي فرانس مان لکي رهي آهيان. سوچيو هوم هت اچي اڪيلائي دور ٿي ويندي. پر لڳي ٿو اڪيلائيءَ جي ڪڏ مان نڪري ڪاهيءَ ۾ اچي پيئي آهيان. ڊيئر امر، توکي پڙهي خوشي ٿيندي.

آشا- بهار جي اُميد سان

I am getting married.

امر- تنهنجي شاديءَ جو ڪارڊ مليو. آءِ فيل رِليوڊ. احوال ڏي تنهنجو جيون ساٿي ڪئن آهي؟ تون هن سان خوش ته آهين نه؟ توکي لکندي خوشي ٿي ٿئيم ته اسان جي گهر هڪ نئون مهمان آيو آهي.

آشا- نئين مهمان جو نالو ڇا آهي؟

امر- آشا.

امر- پريه آشو، گهڻن ڏينهن کان تنهنجو خط نه آيو آهي. شاديءَ جي بهارن ۾ کوهجي ويئي آهين ڇا؟

امر- تنهنجي لنبي چپ مونکي کائڻ شروع ڪيو آهي. خط جو جواب ڏي، پليز.

امر- آشو، ڇا ٿيو؟ تون ٺيڪ ته آهين نه؟ تون ڪنهن مصيبت ۾ ته نه آهين؟ الائي ڇو مونکي لڳي ٿو آل اِز ناٽ وئل.

آشا- ڊيئر امر، ڊونٽ وري. آل اِز وئل. نه، اِن فئڪٽ، آل اِز ناٽ وئل. منهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن به ڪجهه به ٺيڪ نه رهيو آهي. پاپا جي زندگيءَ ۾ بي عزت، منهنجو اِسڪول مان رسٽيڪيٽ ٿيڻ، ديس ڇڏي پرديس اچڻ.

ضرورت هئي؟

امر- مان چاهيندي به، نماءُ ڏسڻ اچي نه سگهيس. (چوندڻ جون تياريون زور شور سان چالو آهن.) نماءُ ڪيئن رهيو؟

آشا- بيڪار. جيتوڻيڪ ماڻهن ۽ Critics ساراهه ڪئي. پر مونکي مزو نه آيو. مون محسوس ڪيو ته منهنجون پينٽنگس بيڪار آهن. دراصل مان به بيڪار آهيان. منهنجي زندگي ئي بيڪار آهي.

امر- بيڪار ڇوڪري، ڪار خريد ڪر بيڪار مان ڪار واري ٿي ويهه. توکي خبر آهي ته توسان ڪهڙي ويڌن آهي.

You are a Sentimental fool.

تون خوش به جلدي ٿيندي آهين ۽ نراس به جلدي ٿيندي آهين. نماءُ جي درشڪن ۽ Critics کي وڻيو ته بيڪار ڪيئن ٿيو؟ ويڌن تنهنجي پئنٽنگس سان نه تنهنجي من سان آهي. ياد آتيئي تو پاڻ هڪ دفعي لکيو هو ته تون هڪ سني ڪلاڪار آهين. تنهنجي مونجهاري جو يڪتڪ علاج آهي ڪلا. (آرٽ).

آشا- ڊيئر امر- تو مونکي ڪيترو نه صحيح سمجهيو آهي. ايترو ته مان به پاڻ کي سمجهي نه سگهي آهيان. ڪڏهن ڪڏهن لڳندو آهي تون نه هجين ها ته منهنجو ڇا ٿئي ها!

آشا.

امر- شريمتي ۽ شري امر پرسواڻي توهانکي دلي دعوت ٿا ڏين ته شري امر پرسواڻيءَ جي ايم پي چوندجڻ جي خوشيءَ ۾ ڏنل ڊنر ۾ اچي شريڪ ٿيو.

آشا- هارٽي ڪانگرٽيوشنس- امر تون ڪيئن نه ڪاميابيءَ جون ڏاڪڻيون چڙهندو تو رهين ۽ هڪ مان آهيان جو... امر اهي سڀ ڪيئن ٿيو؟ تون ۽ مان گڏ وڏا ٿياسين. پوءِ به تو ۾ ۽ مون ۾ ڪيترو نه فرق آهي؟ تون هوشيار ۽ ڪامياب ۽ مان هر ڳالهه ۾ ناڪامياب ۽ بيڪار. هڪ (تون) بيسٽ ۽ ٻيو (مان) ورسٽ.

پاپا جي طبيعت ڪيئن آهي؟

آشا- پاپا جي طبيعت هاڻي بهتر آهي. سوچيان ٿي پاپا جي (بلڪل) هڪدم ٺيڪ ٿي وڃڻ ڪانپوءِ مان دهليءَ ۾ رهان يا پئرس واپس وڃان.

آشا- امر، گهڻي وقت کان تنهنجو ڪو خط نہ آيو آهي. مان هتي هاڻ بور ٿيڻ لڳي آهيان. پنهنجين ائڪٽوٽيز مان ٿورو وقت ڪڍي احوال ڏي.

آشا- خط لک نہ تہ مان تنهنجي آفيس هلي ايندس.

امر- ڊيئر آشا. ساري خط لکڻ ۾ دير ٿي. ڇاڪاڻ تہ مان مشغول هوس. اسانجي اکل ڀارت سنسٿا محسوس ڪيو تہ ٽڙيل پکڙيل سنڌين کي جيڪڏهن ڪو پرديش نٿو ملي سگهي تہ ڪو آهڙو ٽڪرو .هجي جنهن کي اسين سنڌي پنهنجو هوم لئنڊ سڏي سگهون. اِن سلسلي ۾ اسين ڪجهہ خاص ڪري گانڌيڌام جي سروي ڪرڻ لاءِ ويا هئاسين. لڳي ٿو مونکي اڃا بہ وڌيڪ مشغول ٿيڻو پوندو. لوڪ سڀا اليڪشن ٿيڻيون آهن. منهنجن ساٿين جو خيال آهي تہ مان چونڊون لڙان، جئن سنڌين کي پنهنجا حق ڏياري سگهان. تو لکيو تہ تون بور ٿي رهي آهين. چوندا آهن. واندو دماغ شيطان جو ڪارخانو آهي. انڪري واندي ڇوڪري، بهتر ٿيندو تہ تون پنهنجين پينٽنگس جي هڪ ائگزبيشن ڪر.

آشا- آئڊيا سٺي آهي. ائگزيبشن مان جيڪا اِنڪم ٿيندي سا تنهنجي اِليڪشن فنڊ ۾ ڏينديس. ائگزيبيشن ٣ مئي کان ٥ مئي تائين اوبيراءِ هوٽل ۾ آهي. تون ايندين مونکي خوشي ٿيندي.

امر- چونڊن جي تيارين ۾ بيحد مشغول آهيان. پوءِ بہ ڪوشش ڪندس.

wish you a grand success.

آشا- تنهنجو چيڪ مليو. اينتري وڏي رقم موڪلڻ جي ڪهڙي

آشا- نہ پليز، نہ اچ.

امر- Sorry Asha، اُن ڏينهن توکي تڪڙ ۾ گهر روانو ڪرڻو پيو. مون نہ سمجهيو هو تہ هن معمولي هوٽل ۾ بہ پريس منهنجو پيڇو ڪندي.

آشا- اِن ۾ ڪهڙي نئين ڳالهہ آهي. جڏهن بہ تون ۽ مان گڏجندا آهيون. تڏهن تنهنجو ڪونہ ڪو واقفڪار گڏجي ويندو آهي. اِنڪري ئي تہ مون توسان گڏجڻ نہ پئي چاهيو. هن پيري تہ پريس رپورٽر هو. هن اسانجو فوٽو بہ ڪڍيو. جيڪڏهن هو پريس ۾ ڏئي تہ؟

امر- آشو، منهنجي هوندي تون ڇوتي ڳڻتي ڪرين؟ اڄ پارٽ ۾ پئسي ۽ پاور سان ڇا نہ ٿي سگهندو آهي؟ مون هن پريس رپورٽر کي پٽائي ڇڏيو آهي. هو اخبار ۾ ڪجهہ ڪونہ ڇپيندو.

آشا- هن ڪانپوء مان توسان ڪڏهن بہ نہ گڏجنديس. تون سمجهين ڇو نہ ٿو؟ امر، تون تہ مرد ٿي ڇٽي ويندين. بدنامي تہ منهنجي ٿيندي نہ؟ تون مونکي وساري ڇڏ.

امر- وساري ڇڏيان؟ توکي؟ آشو تو اِهو سوچيو بہ ڪئن تہ مان توکي بدنام ٿيڻ ڏيندس. ڇونہ اسان ٻئي شادي ڪريون؟ تون مون سان شادي ڪندينءَ؟

آشا- منهنجي شادي؟ توسان؟ هن عمر ۾؟

امر- اِنسان پاڻ کي ڪڏهن ڏاڍو دير سان سمجهندو آهي. مان بہ پنهنجي جذبات کي اڳ نہ سمجهي سگهيس. جيڪو پهرين ڪرڻ گهرندو هو سو هاڻ ٿا ڪريون. اِن ۾ ڇا آهي؟

آشا- نہ امر، نہ، تون شادي شده آهين. سرلا ۽ تنهنجي ٻارن جو ڇا ٿيندو؟

امر- سرلا ۽ ٻارن جو تون خيال نہ ڪر. مان هنن کي پاڻهي سنڀاليندس. ٻارن سان تہ پيار آهي ئي هيترا سال گڏ رهي سرلا سان بہ موهہ ٿي ويو آهي. پر تنهنجي ڳالهہ ٻي آهي. تون تہ جنمن کان منهنجي آهين اِهو مون هاڻ محسوس

آمر- ڊيئر آشو، ايتري نااُميدي ڇا لاءِ؟ هر انڌيري رات کانپوءِ پرڀات ايندي ئي آهي. تون ڪوشش جاري رک توکي به تنهنجي منزل ضرور ملندي.

آشا- ماءِ ڊيئر آمر، هڪ دفعو وري تنهنجي خط مونکي نئون اتساهه ڏنو آهي. منهنجون دفن ٿيل تمنائون وري نئون جنم وٺڻ لڳيون آهن. ننڍي هوندي کان باغ ۾ گڏجي پوپٽ پڪڙڻ کانوٺي اڄ ڏينهن تائين زندگي خواهه ڪلپنا ۾ تون ئي منهنجو ساٿي رهيو آهين. منهنجي منزل نه تون آهين.

تنهنجي آشا

آمر- ڊيئر آشو، تنهنجو خط منهنجي آفيس جي سيني اِسٽاف ميمبرس جي پڙهڻ کانپوءِ مون تائين پهتو. ڏاڍي وائويلا مچي ويئي آهي. هن کانپوءِ تون پنهنجا خط منهنجي پرسنل سيڪريٽري مسز هاٿيراماڻيءَ جي نالي لکندي ڪر. مون هن کي سمجهائي ڇڏيو آهي.

آمر- آشا، تنهنجي پاپا جي ديهانت جو ٻڌي دک ٿيو. سرلا ۽ مان تنهنجي دک ۾ همشريڪ آهيون.

آشا- ٿئنڪ يوُ، آمر. پاپا جي بيماريءَ ۾ تو جيڪا منهنجي مدد ڪئي سا شايد ئي ڪو ڪري. پوءِ ڊاڪٽرن جون دوائون، خواهه تنهنجون منهنجون ڪوششون ۽ ويچاري نئين مميءَ جون پرارٿنائون سڀ ملي به پاپا کي بچائي نه سگهيا.


آمر- مؤت تي ڪنهن جو اختيار آهي! تنهنجي پاپا جي بيماريءَ جي دؤران مون نئين آشا ڏٺي. جنهن آشا کي مان ننڍي هوندي کان سڃاڻان سان پياري هئي پر هيءَ نئين آشا پيارن کان به پياري آهي.

آمر- آشو، مان توسان گڏجڻ ٿو چاهيان.

آشا- نه آمر، نه. آسان کي گڏجڻ نه گهرجي.

آمر- ڇو؟ ڇونه؟ سچ ٻڌاءِ تون مون سان گڏجڻ نٿي چاهين؟ پليز آشا.

مدن جماڻي ليکڪ، ناٽڪڪار ۽ هدايتڪار



سنڌي جاتي جي نامور ۽ مايہ ناز ليکڪ، ناٽڪڪار، هدايتڪار ۽ اداڪار مدن جماڻيءَ کي مان ڪافي عرصي کان سڃاڻان.

سنڌيت ۽ سنڌي ناٽڪ ڀاءُ مدن جي رڳ رڳ ۾ سمايل آهي. ننڍپڻ کان ئي هن کي ناٽڪن لاءِ شونق هئو. اپٽا (IPTA) ۾ ناٽڪ ڪلا جي هر پهلوءَ ۾ ترتيب بعد هن ڪافي هندي ۽ گجراتي ناٽڪن ۾ پنهنجي ڪلا جو جوهر ڏيکاريو. پنهنجي مادري زبان سنڌيءَ لاءِ اٿاهه پيار هئڻ تي سنڌي ناٽڪن ڏانهن ڇڪيو، مدن سنڌي ناٽڪ سان بخوبي نباهيو آهي. مان ڀانيان ٿي تہ هو هڪ ئي ڪلاڪار آهي جنهن جا ٧٠ کان بہ مٿي ناٽڪ ريڊيو، رنگہ منچ ۽ دوردرشن تان پيش ٿي چڪا آهن. هڪ اعليٰ ليکڪ، ناٽڪڪار، هدايتڪار ۽ اداڪار طور سنڌي رنگہ منچ جي دنيا ۾ هن هڪ اهم جڳهہ حاصل ڪئي آهي. سندس ڪافي ناٽڪ ڪتابي صورت ۾ ڇپجي چڪا آهن.

سنڌي فلمي کيتر ۾ بہ هن جو يوگدان بہ ساراهہ جوڳو آهي. ڪافي وقت هندي فلم جڳت جي نامور پروڊيوسر ڊائريڪٽر

ڪيو آهي. اڳ مونکي خطن مان ترپتي ملندي هئي پر هاڻ مونکي سرلا ۽ تون ٻنهي مان هڪ جي چونڊ ڪرڻ کپي ۽ مان توکي ٿو چونڊيان.

آشا- ڊيئر امر، جيڪڏهن ڪجهه سال اڳ تنهنجو اِهو پرپوزل اچي ها ته مان پاڻ کي ڏاڍي خوشنصيب سمجهان ها. پر هن عمر ۾؟ نه؟ مونکي ڊپ ٿو لڳي امر، توکان نه پنهنجو پاڻ کان. ڪٿي مان جذبات ۾ اچي ها نه ڪري وهان.

امر- مون ڪلهه رات سرلا سان ڳالهايو. لڳي ٿو هن کي اڳي ئي شڪ هو. منهنجي واتان ٻڌي دڪ نه ٿيس. پر شايد هن اُن لاءِ پاڻ کي اڳيئي تيار ڪري ورتو هو. گهٽ ۾ گهٽ ظاهري طور ڏڪو ڪونه لڳس ۽ جنهن مئلو ڊراما ڪان مان ڊنس پئي، سو ڪونه ٿيو.

آشا- Sorry My Love. مان توسان شادي ڪري نه سگهنديس. نه، سرلا مونکي ڪجهه ڪونه چيو آهي. جيتوڻيڪ ڪلهه هوءَ ٻارن سان مون وٽ آئي هئي. سرلا زبان سان ته ڪجهه نه چيو. پر هن جي شانت ڳالهائي رهي هئي ۽ مونکان بار بار پڇي رهي هئي. آشا، منهنجو قصور ڪهڙو آهي؟ ڪهڙي گناهه جي سزا ڏني ٿي وڃي؟ اسين پاپا کانسواءِ رهي نه سگهنداسين. مونکي ائين لڳو ڄڻ ٻار مونکي ٻاڏائي رهيا هجن، آنٽي پليز اسان کان اسان جو پاپا نه ڇنُ. امر، مونکي خبر آهي ته تون مونکي خط لکڻ کانسواءِ جي نه سگهندين. اِنڪري مان توکان دور تمام گهڻو دور وڃي رهي آهيان. ايترو دور جو تون مونکي خط به لکي نه سگهندين.

تنهنجي ۽ صرف تنهنجي،

آشا.

روشني - صرف آشا تي-

(پردو)

- سماپت-

”مان موٽي ايندس“

ليکڪ ۽ هدايتڪار:- مدن جماڻي

”ڪلاڪار“

۱. سوُترڌار:-
۲. موهن ماءُ:- ليلو پنجواڻي
۳. پيسورام:- راڄ لوچاڻي
۴. منگهارام:- پوُن ڪمار موُرداڻي
۵. چيني (هيمون ۽ ماءُ):- پشپا مالهي
۶. هيمون:- جگديش شرما
۷. سعيد:- مڌو موٽواڻي
۸. جيلر:- نيرو آسراڻي

ميوزڪ:- لڇو گيهي- هريش ميرچنداڻي.
لائيٽنگ:- مدن جماڻي
سيٽنگ:- مدن جماڻي
اسٽيج مئنيجمينٽ:- مدن جُماڻي - ڪمار ڪلواڻي
ميڪ آپ:- هريش پاٽيل
پروڊيوسر:- مُرڪ پبليڪيشن، گوبند مالهي.

مرحوم محبوب خان جي سرپرستي هيٺ اسٽنٽ ڊائريڪٽر طور ڪم ڪندي هن فلمي فن جي باريڪين جي ڄاڻ حاصل ڪئي. اڳتي هلي سترام روهڙا جي سنڌي فلم ’هل تہ ڀڄي هلون‘ ۾ مدن ليکڪ هدايتڪار ۽ اداڪار طور پنهنجي شاندار ڪلا جو جوهر ڏيکاريو.

مدن جو ناٽڪن ۽ هدايتڪاريءَ ۾ هيترو يوگدان محسوس ڪري شري رنجيت ٻٽاٽي جيڪو پاڻ بہ سنڌيت جو شيدائي آهي، جنهن سنڌين جو شان اوچو ڪرڻ لاءِ انگريزيءَ ۾ ’سنڌي شان‘ مخزن بہ شايع ڪئي آهي ۽ مدن کي ١٣ - سنڌي سيريلناهڻ لاءِ همٿايو آهي، جنهن مان ٢ سيريل اسين ١٤ جولاءِ کان ڏسي چڪا آهيون، اُن ۾ بہ مدن ڇڱو پاڻ موکيو آهي.

مدن سنڌيت کي ڦهلائڻ لاءِ آڊيو ڪئسيٽ جو سهارو ورتو، جنهن لاءِ هن شاهہ سچل سامي جون ڪئسيٽس ۽ جھوليلعل جي ڏڻ تي ڪئسيٽ تيار ڪئي.

سدا حيات گوبند مالهيءَ سان مدن جو چاليهن سالن کان بہ وڌيڪ پريم جو ناتو هئو. مالهي صاحب جي شخصيت جو مدن تي ڪافي پرڀاءُ هئو. هڪ سچي ساٿيءَ جيان مدن مالهي سان آخر تائين نڀاهيو.

شوپا لالچنداڻي

انقلاب زنده آباد
وندي ماترم
جدا جدا نعرن سان گڏوگڏ ڏسجن ٿا پردي تي مهاتما گانڌي- لوڪمانيہ تلڪ، سڀاش چندر بوس، جواهرلال ۽ ٻين نيتائن جا فوٽا.
۽ ساڳ ساڳ ٻڌجن ٿا آزاديءَ جي سنگرام جا جدا جدا نعرا ۽ وچ وچ ۾ پوليس جي لٺين. ماڻهن جي ڪوڙ- گوليبازيءَ ۽ سرگس جي ماحول جا آواز!
ل - ٽ 'آزادي منهنجو جنم سڌ اڌڪار آهي ۽ مان اُها حاصل ڪري ئي رهندس.'
س. ٻ 'ڪرو يا مرو'
ج. ن 'انگريزو- ڀارت ڇوڙو'
س. ٻ 'توهان مون کي خون ڏيو. مان توهان کي آزادي ڏيندس.'
م. گ انقلاب زنده آباد.
ڀارت ماتا ڪي جئہ.

انڌڪار- ڪجھ پلن لاءِ بلڪل شانت.
(اسپاٽ لائيٽ)
پلر جي مورت بٺيل- سنڌي وڳي ۾ وينل هيمونءَ ماءُ تي آهستي آهستي روشني. اُن جي پنيان، شاهي پردي تي هيمونءَ جو سلائيڊ. واري واري سان هيمونءَ ماءُ ۽ هيمونءَ جا سلائيڊ ڏسجن ٿا ۽ ٻڌجن ٿا سڏ ۽ پڙاڏا.
هيمون- هيمون- هيمون- هيمون- (پراڏي ۾)
هيمون- هيمون- هيمون- هيمون-
(آهستي آهستي روشنيءَ جو منچ تي مڪمل پرويش ۽ منچ تي نظر آچن ٿا. ماتم ۾. هيمونءَ جو پيءُ (پيسو) ۽ چاچو منگهو) ٻاهران پرويش ڪري تي موهن ماءُ)

مان موٽي ايندس!

Scene I (هيمونءَ جو گهر)

هال ۾ بلڪل اونده ڪان پوءِ- ڪجھ پلن لاءِ- سنگيت جي ڌن. گيت ’وندي ماترم- وندي ماترم‘
(A.R.Rahman)

انائونسمينٽ-

ڪجھ پلن لاءِ شانت بلڪل شانت.

صرف ستار تي. اڪيون نم ڪندڙ غمگين ڌن.

انڌڪار ۾ پردو هٽڻ.

[منچ تي ڪارن پردن ۾ جدا جدا آسڻن تي جدا جدا سائيز ۾ ڊيگھ ويڪر جا پليٽفارم ۾ کابي پاسي وچمان داخل ٿيڻ لاءِ صرف دروازي جو فريم ۾ دريءَ جو فريم ساڄي پاسي. آپ اسٽيج تان هيٺ تهخاني ۾ ايندڙ ڏاڪڻ جا ڏاڪا ڏسجن ٿا. پنيان هڪ شاهي اڇو پردو آهي. جنهن تي سلائيڊس پاڇن معرفت، ضرورت مطابق پاڇا، رنگين سلائيڊس ڊ۽ا ڪرتب ڏيکاري سگهجن ٿا. مکيہ پردو هٽڻ وقت ساڻ ساڻ انڌڪار تي فتح حاصل ڪندڙ سلائيڊ پروجيڪٽر ڀارت ماتا جي سلائيڊ سان پنئين پردي تي زنجيرن ۾ جڪڙيل ڀارت ماتا جي تصوير ڏسجي تي ۽ ٻڌجن ٿا اڳوات رڪارڊ ٿيل. آوازا

انقلاب- زنده آباد

ڀارت ماتا ڪي جئہ

انگريزو- ڀارت ڇوڙو.

سؤ سلام... (ڳلو ڀرجي ٿو اچيس. سڏڪو)

پ- سمجھ ۾ ئي نٿو اچيم ته جوان جماڻ پٽ ديش تان قربان ڪري. هيمونءَ جي ديس ڀڳتيءَ ۽ قربانيءَ لاءِ دل تي پٿر رکي. فخر ڪريان يا ڪنهن ڪنڊ ۾ وجي گونگا ڳوڙها ڳاري هنياءُ هلڪو ڪريان. ڪيترو نه پيارو- معصوم ۽ سعادتمند هو، منهنجو هيمون.

م- ها، ڀائو، هيمونءَ اسان جي ڪلاڻي ڪٽنب جو نالو روشن ڪيو آهي. هن هند ۽ سنڌ جو شان وڌايو آهي.

پ- ميان ٿو هيمونءَ شهادت پائي تواريخ ۾ پنهنجي ۽ اسان جي لاءِ آستان حاصل ڪيو آهي. انگريز سرڪار ۾ ترٿلو پئدا ڪيو آهي. سنڌ جي نؤجوانن لاءِ مثال قائم ڪيو آهي. پر- پر منهنجي هيءَ پيءُ جي دل ته رت تي روئي نه!

جوان پٽ وڃايو اٿم. پيريءَ جو سهارو لٽايو اٿم. مان اڃا جيئان پيو ۽ منهنجو جوان پٽ...

م- ڀائو، ڀائو، توهان ئي جي هينئن دل لاهيندا ته پوءِ ڀاڀيءَ جو ڇا ٿيندو؟

پ- مون کي به هن جي ڳڻتي آهي؟

م- ڦاسي گهاٽ تي هيمونءَ ماءُ کان وچن ورتو هو ته، ’اماں روئيج نه. مان موٽي ايندس.‘ ڪٿي هن اها ڳالهه ته ڪونه ڳنڍ ٻڌي آهي؟

م م- هن کي روئڻ گهرجي. پيسو، جي هيءُ روئندي نه ۽ ائين ئي بت ٻڻي ويٺي رهندي ته اصل ظلم ٿي ويندو. بغداد ٿي ويندو. مان ٿي چوان، ڪنوار، هي سڀ تنهنجي ڪري ٿيو آهي. ها، تنهنجي ڪري. ننڍي هوندي کان توئي هن ۾ ديس ڀڳتيءَ جا سنسڪار ڀريا. چي- منهنجو پٽ راڻو پرتاپ ٿيندو، شواجي ٿيندو. ڀڳت سنگھ ٿيندو! ننڍي هوندي جڏهن جهنڊو هٿ ۾ کڻي چوندو هو:

قومي جهنڊو ڦڙڪي ڦڙ ڦڙ،
دشمن جي ڇاتي ڌڙڪي ٿڙ ٿڙ.

موهن ماءُ- ڪنوار، هنن مئن انگريزن تي ڪو قهر پوندو. ڪيئان پوندن. اصل ظلم آ بغداد آ! اسانجي هيڏڙي ابهم هيمونءَ کي ڦاسي! قهر آ ٻيو ڇا؟ اڙي، هيءَ ڇا عمر هئي اسان جي هيمونءَ جي وڃڻ جي؟ ڪنوار، اسانجي هيمونءَ اڃا هن سال ئي تہ جوانيءَ ۾ قدم رکيو... شل ڪو نياڻن کي باھ لڳندي. پاڙ سڙندن. مئا ڪنا تي مرندا، ڏسجانءِ. ڪنوار، ائي ڪنوار. هي ڇا پيسو، هيءَ هيئن بت ٻڻي ڇو ويٺي آهي؟ ڪڇي ڇو نہ ٿي؟

پيسو- جيجي، ڇينيءَ جو هيمونءَ ۾ ساھ اٽڪيل آهي. جڏهن کان هيءَ جيل ۾ هيمونءَ سان ملي موٽي آهي. تڏهن کان ڄڻ زنده لاش بڻجي ويئي آهي. بس سماڌيءَ ۾ لين آهي. نہ ڳالهائي ٿي، نہ کائي ٿي ۽ نہ ئي وري ’آنسو‘ سندس اکين مان وَهي آزادي تا ماڻين. بس رڳو پيئي دروازي ڏانهن نهاري. ڪنهن جي اچڻ جي انتظار ۾.

منگهو- پائو ڪٿي پاپيءَ هيمونءَ جا ڦاسي گهاٽ تي چيل اکر تہ ڪونہ ڳنڍ ٻڌا آهن؟

م م- ڇا چيو، هيمونءَ ماءُ کي؟

پ- هيمونءَ چيو هو تہ ’جيجل، مان موٽي ايندس. آمان، مان تنهنجي ڪُکہ مان وري جنم وٺندس. ڏسجانءِ منهنجي ڳچيءَ تي ڦاسيءَ جي ڦندي جو داغ هوندو. مان موٽي ايندس. تون مون کي داغ مان سڃاڻنديئنءَ نہ؟

م- هيمونءَ خوديرام بوس جا اکر دهرايا هئا. شهيد خوديرام بوس ڦاسيءَ تي چڙهڻ کان اڳ پنهنجيءَ ماءُ کي اِهي لفظ چيا هئا.

پ- هيمونءَ تہ هليو ويو. ڏک ڏيئي ويو اسانکي. هاڻ وڃڻ وارن کي منگها کهڙو ڏوھ ڏجي. نصيب!

م- سچ تہ پائو، مان هتي توهان سان اعزاپرسي ڪرڻ ڪونہ آيو آهيان. مان- مان تہ هتي- توهان کي- اسان جي سنڌڙيءَ جي نوجوان شهيد جي جنم داتا ۽ ماتا کي سجدو ۽ سؤ

Scene II (جيل)

(جيل ۾ صرف سپاهي نظر ٿو اچي. جيلر داخل ٿئي ٿو)

جيلر- سعيد!

سعيد- (جهوٽا کائي رهيو آهي جهٽڪي سان اُٿي- وڏو سلام ڪندي) حضور!

جيلر- قسم پاڪ پروردگار جو. وري جو آسان توکي ڊيوٽيءَ تي ننڊ ڪندو ڏٺو آهي ته ياد رکج. منهن ڪارو ڪري. گڏهه تي چاڙهي سکر جي گهٽين ۾ توکي گهمائيندا سين!

سعيد- گستاخي معاف حضور. ڊيوٽيءَ تي جهوٽا کائڻ منهنجو جنم سڌ اڌڪار آهي. ماڻهو مون کي ڪاريهر نانگ چوندا آهن ڇو؟

جيلر- بڪواس بند ڪر.

سعيد- نه پڇو ته به ٻڌو. مان هتي جيل ۾ قيدين تي نظر گهٽ ۽ جيلر تي اک وڌيڪ رکندو آهيان. ڇو؟ قيدين جي زندگي هڪ سري هوندي آهي ۽ اوهان جي گوناگون رنگين. مزو ايندو آهي اُها ڏسندي. وڌيڪ ڇو؟ مون وٽ توهان جي ڪارن ڪارنامن جو چِٺو آهي.

جيلر- بڪواس بند ڪر ۽ ٻڌاءِ ڪير آهي هيءُ نئون انقلابي قيدي؟ خطرناڪ- خونخوار انقلابي؟

سعيد- هيمون! هيمون ڪالاڻي نالو آهي هُن سنڌ جي فرزند جو.

جيلر- خبر اٿئي. اِهو هيمونءَ. اسان جي مائي باپ انگريز سرڪار جي هٿيارن سان ڀريل ملٽري گاڏيءَ کي ڪيرائڻ لاءِ ٽرين جي پٽن جون فش پليٽس کوليندي سر زمين تي، سگ سوڌو پڪڙيو ويو.

سعيد- ٻڌو اٿم حضور.

جيلر- ملٽريءَ طرفان حڪم مليل آهي ته هن جي ساٿين جا نالا پڇي، سڄي گروهه کي پاڙون پٽي ناس ڪرڻو آهي. وڃ هن کي وٺي اچ. (سعيد جو کي قدم وڃڻ) بيهه (ڏڪندي) -

تڏهن تون ڪيڏي نہ خوش ٿيندي هئينءَ!

پ- جا ئي ٿي چوين موهن ماءُ. هي ٻئي ذميوار آهن منهنجي هيمونءَ جي ڦاسيءَ جا. ماءُ ننڍي هوندي هن کي سورهيائيءَ جا سبق سيکاريا تہ چاچي هن کي وڏي هوندي انقلابي بڻايو.

م- ڀائو، مون هن کي انقلابي ڪونہ بڻايو. مون تہ هن کي ستنترتا سنگرامي بڻائڻ چاهيو، پر هن جي رڳن ۾ جا گرم جوشي هئي. اُن هن کي انقلابي بڻايو. پر هي ڇا وقت آهي ڏکن ڏوراپن ڏيڻ جو!


م م- ڪنوار ڪجھ تہ ڳالهاءِ - روءُ ڪنوار روءُ، روئندينءَ نہ تہ بيمار ٿي پوندينءَ. هاڻ هيمون ڪونہ ايندو پلجي وڃ. مرڻ وارا بہ ڪڏهن موٽي ايندا آهن، ڀلا؟

م- روءُ ڀاڀي روءُ. دل جي زخمن کي آنسن ۾ اُوت.

پ- ها. ها. هيمونءَ ماءُ روءُ. روءُ. ٻڌين ٿي ڇيني، تو هيمون وڃايو آهي. پنهنجو لاڏلو لال وڃايو آهي. جگر جو ٽڪر وڃايو آهي. روءُ، روءُ. هو وري موٽي ڪونہ ايندو ڪڏهن ڪو مري بہ موٽيو آهي؟ (قدمن جا آواز)

ڇيني- ڪير؟ هيمون- پٽڙا تون اچي وئين. مونکي پڪ هئي تہ تون ضرور ايندين. هيمونءَ پيءُ ڏسو ڏسو منهنجو لال موٽي آيو آهي. جيجي توهان ڇيو پئي نہ تہ هيمون موٽي نہ ايندو. ڏسو هو آيو آهي. موٽي آيو آهي. هيمونءَ پيءُ توهان پٽ کي نہ سڃاڻو. هو وڇن جو پڪو آهي. هن ڇيو اَمان مان ديس تان ساھ صدقي ڪندس. ڪيائين نہ ساھ صدقي؟ هن ڇيو مان سنڌڙيءَ جو ڀڳت سنگھ بڻبس. بڻيو نہ ڀڳت سنگھ. هيمون پٽ- مون بہ پنهنجو وچن پاڙيو آهي. مون توکي وچن ڏنو هو نہ تہ مان نہ روئنديس. ڏس مون بلڪل نہ رنو آهي. هڪ ڳوڙهو بہ نہ ڳاريو آهي. مان نہ روئنديس پٽ اصل نہ روئنديس. هيمون. منهنجا لال.

مدن جماڻي





(١) جي- ايشو ۽ مدن جماڻي ’جُهو جي ڪناري‘ ۾ هدايتڪار ليکڪ: گوبند مالهي.
(٢) چار ٿنبا سنڌي ناٽڪ جا پڳونتي ناواڻي گوبند مالهي، مدن جماڻي ۽ جي.
ايشو پارت ۾ سنڌي ناٽڪ جا چار ٿنبا.

چا هو- ڏاڍو خطرناڪ، خونخوار ۽ دهشت انگيز آهي؟

سعيد- ٻڌو نہ جيلر صاحب! هيمون گلاب جي گل جيان نازڪ ابهم معصوم ۽ خوشبودار آهي. [وڃي ٿو]

جيلر- گلاب جو گل، ابهم، معصوم ۽ خوشبودار! مان تو خبر وٺانس. جنيءَ جو کير نہ ياد ڏياريومانس تہ مان بہ جيلر نہ آهيان.

سعيد- (داخل ٿيندي) اچ بهادر اچ. (هيمون داخل ٿئيٿو.)

جيلر- ڇا هيءُ ئي آهي انقلابي قيدي! هن ئي بارود سان پريل ملٽري ٽرين ڪيرائڻ لاءِ فش پليٽون پٽي ڪڍيون؟

سعيد- گستاخي معاف، حضور! سچ ڇا آهي، خدا ڄاڻي، مگر توهانجا ملٽري آفيسر چون ٿا تہ هي بيحد خطرناڪ انقلابي آهي.

جيلر- هون! نوجوان تہ تون ئي آهين انگريز سرڪار جو دشمن انقلابي قيدي! نالو ڇا آهي تنهنجو؟

هيمون- هيمون- هيمون ڪالاڻي.

جيلر- ڏس جوان. مان سڌو ڳالهہ جي ڳاٽي تي تو اچان. تنهنجي ڀلائي اِن ۾ آهي تہ تون صدوري بار جيان. پنهنجي ساٿين جا نالا مونکي ٻڌاءِ.

هيمون- ساٿي؟ جيلر صاحب منهنجا بہ ساٿي هئا...

جيلر- شاباس. (سعيد کي) ڏٺئہ، ڏکي ويو اسان جي دهشت کان. نالا ٻڌاءِ... اُنهن جا...

هيمون- چيٽي ۽ هٿوڙي. (سعيد کلي ٿو)

جيلر- خاموش. تون ڇا اسان کي بيوقوف ٿو سمجهين! قسم پروردگار جو منهنجي غصي کان ڏڪ. مون وڏن وڏن رهزنن- ڦرن، ڌاڪن ۽ خونين کي سبق سيکاريا آهن. تون تہ اڃا کير پياڪ ٻار آهين. سڌيءَ طرح ٻڌائين ٿو پنهنجي ساٿين جا نالا يا گهرايان هنٽر؟

سعيد- هنٽر؟ پر بہ ڇو؟

جيلر- هيمون هنٽر سان تنهنجي کل اُکيليان اُن کان اڳ زبان کول. سعيد جا پٽ، مون کي ڏي هنٽر. (سعيد کان هنٽر وٺي) کولين ٿو زبان يا (ائڪشن)

هيمون- (ٽهڪ) جيلر صاحب، جهڙي اوهان جي ڏاڪ ٻڌي
اٿم، اوتري همت اوهان ۾ ڪانهي.
جيلر- جوان، مون کي تنهنجي جوانيءَ تي رحم ٿو اچي.
هاڻ آخرين موقعو ٿو ڏيانءِ.
هيمون- سر فروشي ڪي تمنا اب هماري دل مين هئہ
ديکنا هئہ زور ڪتنا بازوئي قاتل مين هئہ.
جيلر صاحب رڳو دڙڪا نہ ڏيو. ڪڍو پنهنجو هنٽر.
جيلر- ڏس نينگر، تون هن هنٽر جي بي رحميءَ کي نہ سڃاڻين.
تون رڳو پنهنجي ليڊر جو نالو ٻڌاءِ، مان توسان واعدو
ٿو ڪريان تہ مان سرڪار مائي باپ کان تنهنجي جنم
ٽيپ جي سزا معاف ڪرائي معمولي سزا ڏياريندس.
هيمون- لالچ! جيلر صاحب، لالچ تي پاڻ وڪڻڻ وارا ديش ڀڳت
نہ، پر توهان جهڙا خود مطلبي، ديش دروهي هوندا آهن.
جيلر- ديش دروهي! تہ تون پاڻ کي ديش ڀڳت ٿو سمجهين.
هاڻ سڌيءَ طرح ٻڌائين ٿو نالا يا ڳڻيان هڪ ٻہ ٽي. هڪ
هيمون- انقلاب زنده باد.
جيلر- ٻہ!
هيمون- ڀارت ماتا ڪي جئہ.
جيلر- ٽي.
هيمون- انگريزو ڀارت ڇوڙو؟
جيلر- (هنٽر هڻندي) ٻڌاءِ، نالا ٻڌاءِ. زبان کول.
(هيمون انقلاب زنده باد ۽ ٻيا نعرا هڻندو رهيٿو ۽ جيلر
هن کان نالا پڇندو. هنٽر هڻندو رهيٿو ۽ سهڪي ٿو)
سعيد- حضور، توهان ٿڪجي پيا ٿا ڏسجو.
جيلر- بڪواس بند ڪر.
سعيد- پر ٻہ ڇو؟
جيلر- هن کي ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ وٺي وڃو. برف تي سمهاريوس،
ٻيون سختيون ڏيوس، جيستائين زبان نہ کولي.
سعيد- جو حڪم، حضور. (روشنيءَ جو گهٽجڻ) (Black out)





(۱) ليلو پنجواڻيءَ سان، پشپا مالهي پنهنجي جيون جو بهترين ڪردار 'هيمون ڪالاڻيءَ جي ماتا' جو ڪردار نڀائيندي درشڪن کي ايترو نه روئاريو جو هو ڳوڙها اگهڻ لڳا، ناٽڪ هو 'مان موٽي ايندس' ليکڪ: هدايتڪار: مدن جماڻي (۲) ناٽڪ 'مان موٽي ايندس' ۾ هڪ نظارو ڪلاڪار پشپا مالهي، راج لوچاڻي ۽ ٻيون مورداڻي.

ٽيپ جي سزا ٻڌائي آهي. اکين رنو. ماءُ جي دل ٽڪر ٽڪر ٿي ته منهنجي لال کي جنم ٽيپ! ته به دل کي ڏيڏ ڏنم ته منهنجو هيمون جتي به هوندو، جيئرو ته هوندو. ڪڏهن ڪڏهن وڃي پنهنجي پٽڙي جو مکڙو پسي ايندس ۽ هاڻ. هاڻ تا ڇئو ڦاسي! مان ٿي پڇان اهو ڪٿان جو انصاف آهي. ٻائو، ڪٿان جو اِنصاف آهي؟

م- اِهو انگريز سرڪار جو مارشل لا جو اِنصاف آهي ٻاپي. مارشل لا، ڪورٽ به هنن جي، وڪيل به هنن جا، جج به هنن جا اِهو آهي انصاف.

پ- سزا گهٽائڻ ته گهٽائڻ جي ماڳ. مرڳو ڦاسي!

ماءُ- نه نه. مان. مان مري ويندس. منهنجي هيمونءَ کي هتيارا ڦاسيءَ چاڙهين. اُن کان اڳ. مان. هيمونءَ ماءُ مئن انگريزن کي ماري پوءِ پاڻ ماري ڇڏيندس. هيمون.

م- ٻاپي. هيمون اڄي پيو. پاڻ سنڀاليو. ٻاپي. پنهنجو نه ته هيمونءَ جو خيال ڪريو. هنجي اڄا عمر ئي ڇا آهي؟

سعيد- هيمونءَ سان توهان بنا سنڪوچ روح رهاڻ ڪريو. مان ٻاهر وڃي جيلر تي ٿو نظر رکان.

(هيمونءَ سيني کي پيربن پيئي ملي ٿو.)

ماءُ- هيمون... هيمون پٽ.

هيمون- اَمان. تنهنجي اکين ۾ آنسوا... نه اَمان. نه... تون... تون منهنجي بهادر ماءُ آهين. روئندا ڪائر آهن. بهادر نه. اَمان توکي ته خوش ٿيڻ گهرجي. تنهنجن نندپڻ جي سنسڪارن رنگ لاتو آهي. مان راڻي پرتاپ ۽ شواجيءَ جيان ديش ڀڳت ٿيو آهيان ۽ هاڻ ڀڳت سنگهه جيان ساهه صدقي ڪري رهيو آهيان. اَمان، مون اسڪول ۾ ڪتابن ۾ پڙهيو هو:

اُهي مائر ڀلي مرڪن جي ٻاروتن ۾ لولي ڏين
ته صدقي ديس تان تن من ڪرڻ جهڙي نه ٻي خدمت.

ماءُ: پر پٽ!

Scene III

[هيمونءَ پيءُ- چاچو- ماءُ- جيل م- اڳيان سعيد ۽ پنيان داخل ٿين ٿا.]

سعيد- توهان هتي انتظار ڪريو. مان هيمون کي ڏسان ٿو.

پيءُ- منگها، ڪي سمجهين ٿو ته جيلر ايترو ٽڪڙو آسان کي ڇو گهرايو آهي؟

م- پڪ سان چئي نٿو سگهان. پائو. پر سمجهان ٿو ته هيترن سارن معتبرن سنت هرنامداس. ساڌو واسواڻيءَ، جمشيد مهتا، جو سرڪار کي وينتي ڪئي آهي ته هيمونءَ جي سزا معاف ڪئي وڃي يا گهٽائي وڃي، اُن جو اثر ٿيو آهي شايد.

(سعيد جو پرويش)

ماءُ- ته آسين ٻچڙي کي ساڻ وٺي ويندا سين نه.

سعيد- ديوان، اوهان ڪند ٿا ڪائو. پڇو ڇو؟

ملٽري ڪرنل سر رچرڊسن توهان جي ٻچڙي جي سزا وڌائي آهي!

ماءُ- ڇا؟ سزا وڌائي آهي؟ جنم ٽيپ جي سزا وڌائي آهي؟ پائو، جنم ٽيپ کان وڌي ٻي ڪهڙي سزا انگريز ڏيندا منهنجي ابهم معصوم هيمونءَ کي؟

سعيد- ڦاسي! ها امي ڦاسي!

ماءُ- (چيخيندي) نه! ميوزڪ

(پاڻ سان پڻ پڻ ڪندي) نه... نه... اِهو ناممڪن آهي. اِهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ منهنجي هيمونءَ ڪيو ئي ڇا آهي؟ ڏيرم، جڏهن هيمونءَ کي گرفتار ٿي ڪيائون تڏهن توهان پئي چيو، 'هيمونءَ کي وڌ م وڌ سال به جيل ملندو. هن ڪو خون توروئي ڪيو آهي. ڪو ڌاڙو توروئي هنيو آهي.' پوءِ چيوَ ته 'سرڪار نٿي چاهي ته ڪو نؤجوان آزاديءَ جي لڙائيءَ جا سپاهي بڻجي [مهاتما گانڌي، جواهرلال نهرو، سڀاش چندر بوس جا هٿ مضبوط ڪري انگريزي راڄ جون ڏجيون اُڏائين، انڪري ڏهڪاءُ ڦهلائڻ لاءِ هنن منهنجي اکين جي تاري، جگر جي ٽڪر هيمونءَ کي جنم

(BLACK OUT)

(جيل) Scene IV

جيلر- سپاهي. هيمون ڪالاٽيءَ کي وٺي آچو. هن جي ڦاسيءَ جو وقت ٿي رهيو آهي.

هـ- مان حاضر آهيان، جيلر صاحب.

ج- ڦاسيءَ تي وڃي رهيو آهين. پر تنهنجي خوش مزاجي جئن جو تئن قائم آهي. سچ ٻڌاءِ توکي ڦاسيءَ تي چڙهڻ جو ڪو ارمان ڪونهي؟

هـ- ارمان؟ مونکي تہ پاڻ خوشي آهي.

ج- خوشي؟

هـ- ها. ڇوتہ مونکي يقين آهي تہ منهنجي قرباني وئرٿ نہ وينديءَ. مون هڪ جهڙي جي ڦاسيءَ تي چڙهڻ سان هزارين هيمون نڪري نروار ٿيندا ۽ توهان جي انگريز سرڪار کي ڀارت ڇڏڻ لاءِ مجبور ڪندا. (ٺهڪ) جيلر صاحب، انگريزن جي وڃڻ ڪانپوءِ توهان جي حالت تہ ڌوبيءَ جي ڪتي جهڙي ٿيندي. نہ گهر جا نہ گهاٽ جا.

ج- بڪواس بند ڪر. سپاهي. ڪاروائي چالو ڪر. وزن!

(وزم ڪرڻ جي مشين تي: هيمون بيهي ٿو)

سعيد- عجيب ڳالهہ آهي، ڀڇو ڪهڙي؟ (جيلر حيرانيءَ مان ڏانهس نهاري ٿو) ڪمال آهي جيلر صاحب، هيمونءَ جو وزن سچا سارا ۱۴ پائونڊ وڌي ويو آهي.

ج- ڇئين ڇا پيو؟ وزن وري ڏس.

س- وزن برابر آهي. توهان پاڻ ڏسي پڪ ڪريو.

ج- هيءَ تہ ڪرشمو آهي. اڄ ڏينهن تائين مون ڦاسيءَ تي ويندڙ ڪنهن بہ قيديءَ جو وزن وڌيل نہ ڏٺو آهي نہ ٻڌو آهي.

هـ- جيلر صاحب، مون ڪان اڳ منهنجي گروءَ ڀڳت سنگھ

پيءُ- هيمون تون جيلر کي ساڻين جا نالا ٻڌاءِ. هو توکي سرڪاري شاهد
ٺاهي سرڪار کان تنهنجي ڦاسيءَ جي سزا رد ڪرائي سگهيٿو.

هيمون- بابا، اِهو توهين ڇا پيا چئو. مان پنهنجي سزا رد ڪرائڻ لاءِ ٻين جي جان جوکم ۾ وجهان. نه بابا نه. اِهو ٿکو مان پنهنجي ديس ڀڳتيءَ تي لڳڻ نه ڏيندس.

ماءُ- پر پٽ هيءَ مئي ماءُ ڇا ڪري؟

هيمون- امان، تون ئي چوندي هئينءَ نه ته هر اِنسان جون ٻه مائر آهن. هڪ جنني جا جنم ڏيئي ٿي. ٻي جنم ڀومي. ڀارت ماتا. امان، ڀارت ماتا جي شيوا کان مٿي منهنجي جان نه آهي. مان توکي وچن ٿو ڏيان، امان ته مان وري جنم وٺندس. تنهنجي ئي ڪُک مان جنم وٺندس. تون منهنجي ڳلي تي ڦاسيءَ جو داغ ڏسي مون کي سڃاڻج.

ماءُ- هيمون.


هيمون- ها، امان، مان موٽي ايندس. هن ملڪ جي آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ تيستائين مان موٽي ايندس. جيستائين ڀارت ڀومي آزادي نه پاتي آهي.

امان مون کي وچن ڏي. تون هڪ ڳوڙهو به نه ڳاريندينءَ. تون اِها ڳوڙهن جي اَڱ پنهنجي اندر ۾ مچائي رکندينءَ ۽ اُن تنهنجي بدلي جي ٻنيءَ جي باهه مان ئي مان وري جنم وٺندس. **مان موٽي ايندس.**

ماءُ- پٽ ڪٿان آڻيان اُهو فولاد جو جگر، جنهن تي پٿر رکي توکي موڪل ڏيان ته وڃ... وڃ پٽ... وڃي ڦاسيءَ جي ڦندي کي ڳلي لڳاءِ.

هيمون- امان، تون اڪيلي ماءُ نه آهين. اسان جي امر شهيد ڀڳت سنگهه جي ماتا به اِهو لڪ لنگهائي چڪي آهي. ڀڳت سنگهه جي ماتا خبر اٿئي. هڪ ڳوڙهو به ڪونه ڳاريو هو. امان، مسڪرائي موڪل ڏي ته مان مرڪندي. انقلاب زنده باد- ڀارت ماتا جي جئه جئه ڪار منائيندي موڪلايان. ها، منهنجو توسان واعدو آهي ته مان موٽي ايندس.

سهيوگ فائونڊيشن طرفان ڀڳوان گدوانيءَ جو سنمان



١) سهيوگ فائونڊيشن جي چوڏهين ساليانہ جلسي ۾ سري ڀڳوان گدواڻي خاص ڪئنادا مان آيل هئو، ڪيس سهيوگ لٽريچر اوارڊ سان نوازيو ويو. ڀڳوان گدواڻيءَ جي سنڌي اديبن ۽ معزز شهرين سان ملاقات لاءِ سهيوگ فائونڊيشن، چندر منگهاڻي هوٽل روزووڊ ۾ خاص آجيانو رکيو. گدواڻي صاحب پنهنجي ڪتابن بابت دلچسپ ڳالهيون ٻڌايون ۽ خوشي ظاهر ڪئي تہ سهيوگ فائونڊيشن طرفان ڏنل اوارڊ هن لاءِ انمول سوغات آهي، جنهن ۾ سنڌي سماج جو پيار ڀريل آهي. ڊائس تي ويٺل (کاٻي کان ساڄي) چندر منگهناڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي، رام جوهراڻي، ڀڳوان گدواڻي ۽ جهمٽمل واڌواڻي. (٢) ٻئريسٽر اشوڪ آڏواڻي، سهيوگ فائونڊيشن طرفان ڀڳوان گدواڻيءَ جو شال سان سنمان. (٣) (کاٻي کان ساڄي) سندري اُتمچنداڻي، شوڀا چنداڻي ۽ آشا چاند.

جي تور وڏي هئي.

ج- سنڌ جا سپوت، وڃڻ کان اڳ هن جيلر جو سلام قبول ڪر.

(پردي پٺيان وندي ماترم جو گيت ٻڌجي ٿو ۽ هيمون فخر سان گردن اوچو ڪري ڦاسيءَ جي تختي ڏانهن وڌي ٿو ۽ مٿي پهچي ڦاسيءَ جو ڦندو پاڻ ڳچيءَ ۾ وجهي ٿو.

هيمون- (وڏي آواز ۾ چوي ٿو) ’ڀارت ماتا جي جئہ، انقلاب زنده باد، انقلاب زنده باد)

(گيت هلندو رهي ٿو ۽ آهستي آهستي روشني گهٽجي بليڪ آئوٽ ٿئي ٿو.)

(پردو)

سهيوگ فائونڊيشن جو ١٤ ساليانو اُتسو، هڪ اتهاسڪ شام



اوارڊ اتسو جي شروعات رام جيٺملاڻي، فلم اڀينتري شريديوي، نانا چوڙاسما، بوني ڪپور، رام جوهراڻي ۽ مهاراشٽر جو ڊپيوٽي چيف منسٽر ڇڳن

سهيوگ فائونڊيشن، سماجڪ، سانسڪرتڪ، سپيتڪ سنسٿا جي طرفان ١١ اپريل تي ١٤ ساليانو اُتسؤ ملهايو ويو. جنهن جي ڪاميابيءَ انهن شام کي هڪ اتهاسڪ يادگار بڻايو. هن جلسي ۾ الڳ الڳ ڪيترن مان ڪامياب، اِنسانن ۽ سنسٿائن کي سهيوگ اوارڊ ڏنا ويا، جنهنجون ڪجھ جھلڪون هيٺ ڏجن ٿيون. هن اُتسؤ جي شروعات سدياونا جوت جلائي ڪئي وئي. مکيہ مهمان شري رام جيٺملاڻي، سهيوگ فائونڊيش جي ڪارين کي ٻڌائيندي چيو تہ اڄ سنڌي جاتيءَ لاءِ اِها فخر جي ڳالھ آهي جو شري ڀڳوان گدواڻي جهڙي انسان کي اڄ اسين 'سهيوگ پرسڪار' ڏئي رهيا آهيون. شري رام جيٺملاڻي، سهيوگ فائونڊيشن جي چيئرمين کي ڪلچرل ايمبيسيڊر سڏيندي چيو تہ رام هي جيڪي لاثاني ڪاريہ ڪيا آهن انهن لاءِ ڪيس مبارڪون هجن. شري ناناچوڙاسما رام جوهراڻي کي چمتڪاري انسان سڏيندي چيو تہ جيڪڏهن رام جهڙا ١٠ ٻيا سماج جي لاءِ ڪاريہ ڪرتا هجن تہ شايد ممبئيءَ جو نقشو ڦري وڃي. ڇڳن ڀجبل سهيوگ فائونڊيشن جي ڪاريہ کي ساراهيندي چيو تہ اڄ ديش جنهن ڏکئي دور مان گذري رهيا آهيون. انهن ۾ سهيوگہ فائونڊيشن جهڙيون سماجڪ سنسٿائون تمام گهڻو ڪاريہ ڪري سگهن ٿيون، سهيوگ فائونڊيشن تي نہ صرف مهاراشٽر، پر پوري ديش کي ناز آهي.

سهيوگ فائونڊيشن طرفان ڊاڪٽر فهميده حسين جي آجيان





(1) رام جوتراڻي، چيئرمين، سهيوگ فائونڊيشن، ڪراچي يونيورسٽي (سنڌ) ۾ شاهه لطيف چيئر جي ڊائريڪٽر، ڊاڪٽر فهميده حسين کي ذاتي آجياڻي ۾ سنڌي سوغات ڏيندي کيس محفل سان واقفيت ڪرائي رهيو آهي. (ساڄي کان کاٻي) ڊاڪٽر بلديو مٽلاڻي، پروفيسر اشوڪ آڏواڻي، جيمل واڌواڻي، ڊاڪٽر فهميده حسين، ڪيرت ٻاٻاڻي، ڊاڪٽر ايل. ايڇ. ميرچنداڻي، پرنسپل سچدرا آنند ۽ سهيوگ فائونڊيشن جو ڪو. چيئرمين چندر منگهڻي (2) ڊاڪٽر ايل. ايڇ. ميرچنداڻي، ڊاڪٽر فهميده حسين کي سهيوگ فائونڊيشن طرفان سنڌي شال سان سنمان ڪندي کيس 'سنڌو رتن' ايوارڊ پيش ڪندي.

ويسٽرن بامبي سبربن سنڌي پئنچات ۽ ائسوسئيشن فيڊريشن جو ساليانو پروگرام

ويسٽرن بامبي سبربن سنڌي پئنچات ۽ ائسوسئيشن فيڊريشن جو ساليانو پروگرام 24.2.2002 تي ديوانتي هال کار ۾ ڪيو ويو. ڊاڪٽر ارجن سڪايل (سنڌي ساهتيڪار) وقت جا سڀاپتي هئا ۽ پدمشري ڊاڪٽر جي. ايس. سئناڻي مکيہ مهمان. ان موقعي تي سنڌين جي برک ساهتيڪار شري ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ کي Eminent Elder Award ڏنو ويو ۽ سنڌي ليکڪ شري هولارام هسيجا کي شري ٺهلرام آزاد ميموريل ٽرافي ڏني ويئي. سنڌي پروليون لکنڊ ۽ سنڌي سماج سيوڪ شري جشن سوماڻي کي پڻ اسپيشل اوارڊ ڏنو ويو. ان موقعي تي ڪلچرل پروگرام رتنا هندوجا پيش ڪيو. فيڊريشن جي بزرگ ميمبر شري وينسمل موتيراماڻي جو پڻ سنمان ڪيو ويو ۽ S.S.C, H.S.C ۽ T.Y.B.Com ۾ ميرٽ ۾ آيل شاگردن کي سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا. پروگرام جي ڪارروائي فيڊريشن جي پريزيڊنٽ شري پورن چيلواڻيءَ بخوبي هلائي، ۽ فيڊرشن جي ساليانی ڪاريہ جو جائزو، فيڊريشن جي سيڪريٽريءَ شري سريچند ڪٽاريا ڏنو. ان موقعي تي 'سنڌو درشن' ڪتاب جو پڻ مهورت ڪيو ويو.

اسين سنڌيءَ جو شاهي لوڪ ميلو "واه... سنڌي تنهنجا رنگ"

سنڌي سنگيت، نرتيہ ۽ اداڪاريءَ جي مشعال کي روشن رکڻ لاءِ 'اسين سنڌي' طرفان هر سال جيان هن سال پڻ بهترين پروگرام 'واه... سنڌي تنهنجا رنگ' ٦ اپريل ٢٠٠٢ تي نهرو آڊيٽوريم، ورلي، ممبئيءَ ۾ پيش ڪيو. 'نسخا سلومان جا فلم ۾ سنڌ جي حڪيمي علاجن تي تمام وندرائيندڙ نموني ۾ شيلا وسنداڻيءَ هڪ لاثاني رول ادا ڪيو، گهنشام واسواڻي، شلپا جئسنگهہ ۽ پرڪاش واسواڻيءَ جي رڪارڊ ٿيل گيتن کي نهايت سهڻي نموني فلمائي سنڌي پوشاڪن جو فئشن شو پيش ڪيو ويو. پرمانند پياسيءَ پنهنجن مذاقيہ ٽوٽڪن سان درشڪن کي کلايو ۽ گيت پڻ پيش ڪيا. ان موقعي تي 'ڪٽا اڏيري لال جي' هڪ ڊانس بئلي پڻ سهڻي نموني ڏيکاريو ويو. لوڪ سر جي ڪلاڪار ڀڳوان چاولا سنڌي ڀڳت پيش ڪئي، الهاسنگر جي جوان ڪلاڪارن هيرو پارواڻي ۽ سنيل لڪاڻيءَ جي رهنمائيءَ ۾ جيساڻي ٻالڪن ۽ ٻالڪائن ڀڳت ۽ نرتيہ جو اسم پيش ڪيو. سنڌيت جي شيدائيءَ رميش تلسياڻيءَ هرسال جيان هن سال ٻہ اسين سنڌيءَ جو هيءُ ميلو 'واه سنڌي تنهنجا رنگ' آيوجت ڪرڻ ۾ مدد ڪري جس لهڻو. اسين سنڌيءَ جي جئرام روپاڻيءَ ۽ سندس سائين هن پروگرام لاءِ داد لهڻو.

'MURK' BI - MONTHLY SINDHI MAGAZINE
MURK PUBLICATIONS
Registered with Registrar of Newspapers for India
Regd. No. 46892/87
July - August 2002

Printed & Designed by Ram Lalchandani (ART SPOT), Mumbai Tel.: 446 4134 - 446 6348 - 446 5972